

آسان سنڌي ڪتاب

نائين ۽ ڏهين ڪلاس لاءِ

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو

www.perfect24u.com

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ،
ڄام شورو، سنڌ وٽ محفوظ آهن.

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، جو تيار ڪيل ۽ صوبائي نصاب ڪميٽي
بيورو آف ڪريڪيولم، سنڌ جي ليٽر نمبر B.C/Ext. (Curr:)-4898
تاريخ 11 جولائي 1977ع موجب سنڌ صوبي جي سيڪنڊري اسڪولن لاءِ
واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل آهي.

نگران اعليٰ: آغا سهيل احمد
چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

نگران: اويس پٽو

لکندڙ: ڊاڪٽر سيد محمد صالح شاهه

ايڊيٽر: سيد امداد حسيني، ڊاڪٽر غلام علي الانا
اويس پٽو

نظرثاني ڪميٽي: ڊاڪٽر اياز قادري، ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو،
سيد شير شاهه، ڊاڪٽر غلام علي الانا،
مس تاج بيگم، سيد امداد حسيني

پروف ريڊر: جمشيد احمد جوٽيجو

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: دانش ٻبر

www.perfect24u.com

فهرست

نثر جو پاڳو

1.	حجَّةُ الوداع وارو خطبو	7
2.	حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنهُ	11
3.	حضرت امام جعفر صادق عليه السلام	14
4.	قائدِاعظم رحمة الله عليه جا ارشاد	17
5.	اتحاد، تنظيم ۽ يقين محڪم	21
6.	مولانا دين محمد وفائي	24
7.	مائي خيري	29
8.	هُنر دولت آهي	33
9.	خط	36
10.	بين الاقوامي عدالت	39
11.	اجرڪ	43
12.	ميرن جي دربار	47
13.	ڪينجهر ڍنڍ	51
14.	سنڌي ادب جي مختصر تاريخ	54

www.perfect24u.com

15. رَڌ پَچاءُ 59
16. پہ تہ پارھن 62
17. نصرپور 66
18. جھڙو راڄ تھڙو پاڻ 69

نظم جو پاڻو

19. آهيون الف آسري، مُحمّد مجيوسون 75
20. نيڪي 77
21. دُعا 79
22. سچل سرمست 81
23. ڏيئو 83
24. ببايون سُک جو ڪو سنسار 96
25. پيارا وطن 88
26. هاري 90


www.perfect24u.com

نثر جو پاڳو

www.perfect24u.com

بسم الله

حجَّةُ الوداع وارو خطبو



هجري ڏهين سال جي ذوالحج مهيني ۾ حضرت محمد رسول الله صَلَّي الله عَلَيه وآلهٖ وَسَلَّمَ جن اٺکل هڪ لک چاليهه هزار مسلمانن جي جماعت سان آخري حج ادا ڪيو. مناسڪ جي ادائگيءَ کان پوءِ، پاڻ عرفات جي ميدان ۾ ڏاڇيءَ تي ڇڙهي خطبو ڏنائون. اهو خطبو مسڪينن، ٻانهن، زالن ۽

www.perfect24u.com

يتيمن جي حقن جو كليل پڌرنامو هو. اُن ۾ پاڻ سڳورنؐ مسلمانن کي توحيد جي امانت ۽ قرآن جي دستور کي ساهه سان سانڍي رکڻ جو تاڪيد فرمايو. هڪٻئي جي جانين، لڄن ۽ ملڪيتن جي احترام رکڻ جي تلقين ڪيائون. ٻانهن سان شفقت، يتيمن سان مهرباني ۽ مسڪينن جي سنڀال ۽ عورتن سان عدل ۽ سندن حقن جي حرمت جو تاڪيد ڪيائون. سندن خطبي جون ڪي اهم ڳالهيون هي آهن:

* آڌ اڃوڪي ڏينهن، جاهليت جي سمورين رسمن کي پنهنجن پيرن هيٺان لتاڙيان ٿو. الله تعاليٰ اوهان کان جاهليت جون گمراهيون دور ڪيون ۽ نسبي فخر ختم ڪري ڇڏيائين. مومن عزت وارو ۽ فاجر ذليل آهي. اڄ کان پوءِ عربيءَ کي عجميءَ تي ۽ عجميءَ کي عربيءَ تي ڪابه فضيلت ڪانه آهي. سڀ انسان، آدم جو اولاد آهن ۽ آدم کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو هو. هرڪو مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي ۽ سڀ مسلمان هڪ برادري آهن.

* اي انسانو! پنهنجي غلامن جو خيال رکو. جيڪي اوهين کائو، سو هنن کي کارايو ۽ جيڪي اوهان پَهريو، سوئي هنن کي پَهرايو.

* عورتن جي معاملي ۾ الله تعاليٰ کان ڊجندا رهو. عورتن تي اوهان جا ۽ هنن جا اوهان تي حقَ آهن. اوهان جون جانيون ۽ اوهان جا مال هڪٻئي تي اهڙيءَ طرح حرام ڪيا وڃن ٿا، جهڙيءَ طرح اڃوڪي ڏينهن هن شهر ۾ خون خرابي حرام ٿيل آهي.

www.perfect24u.com

* آڻ اوهان وٽ هڪ اهڙي شيءِ ڇڏي وڃي رهيو آهيان، جيڪڏهن اوهان ان کي مضبوطيءَ سان جهليندا ته ڪڏهن به گمراهه نه ٿيندا. اهو آهي "الله جو ڪتاب".

* قرض ادا ڪيو وڃي. اُڌاري شيءِ واپس ڏني وڃي، ضامن قرض پري ڏيڻ لاءِ بڏل آهي.

* خبردار! متان مون کان پوءِ گمراهه ٿي وجو ۽ هڪ ٻئي جون سِسيون لاهيندا رهو. اوهان کي الله ذوالجلال جي آڏو حاضر ٿيڻو آهي. اهو اوهان جي عملن بابت اوهان کان پُڇاڙو ڪندو. ڏوهاري پنهنجي ڏوهه لاءِ خود ذميوار آهي. پيءُ جي ڏوهه لاءِ پُٽ ۽ پُٽ جي ڏوهه لاءِ پيءُ ذميوار نه آهي. جيڪڏهن ڪو بنهه ڪارو ۽ شيدي شخص اوهان جو امير هجي ۽ اوهان کي الله تعاليٰ جي ڪتاب موافق هلائي ته ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪريو.

* پنهنجي خالق جي عبادت ڪريو، پنج وقت نماز پڙهو، رمضان جي مهيني ۾ روزا رکو ۽ ديني حڪمن جي اطاعت ڪريو ته جيئن الله تعاليٰ جي جنت ۾ داخل ٿي وڃو.

* مذهب ۾ انتها پسنديءَ کان بچندا رهجو، ڇاڪاڻ ته اوهان کان اڳيون قومون به انهيءَ ڪري تڪليون ٿوليون ٿي تباهه ٿي ويون.

خطبي کان پوءِ نبي ڪريم صَلَّي الله عَلَيه وآلهٖ وَسَلَّمَ جن ماڻهن کان پڇيو، ڇا مون اوهان تائين الله تعاليٰ جو پيغام پهچايو؟

ماڻهن جواب ڏنو "ها، اي الله جا رسول، اوهان الله تعاليٰ جو پيغام اسان تائين پهچايو." اهو جواب ٻڌي پاڻ

www.perfect24u.com

فرمايائون " اَللّٰهُمَّ اَشْهَدْ" (يعني اي منهنجا مولا تون شاهد ٿجانءِ).

خطبي جي پڇاڙيءَ ۾ پاڻ سڳورنؐ سيني مسلمانن کي الوداع چيو ۽ تاڪيد فرمايائون تہ "جيڪي شخص هتي موجود آهن، سي غير موجود ماڻهن تائين هي پيغام پهچائين."

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- پاڻ سڳورنؐ آخري حج ڪهڙي هجري سن ۾ ڪرڻ فرمايو؟
2- هن حج کي "حجّة الوداع" چو ٿو چيو وڃي؟
3- پاڻ سڳورنؐ اسلامي برادريءَ بابت ڪهڙو ارشاد فرمايو؟
4- نبي ڪريمؐ جن زالن، ٻارن، يتيمن ۽ مسڪينن واسطي ڪهڙيون نصيحتون ڪرڻ فرمايون؟

(ب) هن سبق ۾ "پيرن هيٺان لتاڙڻ"، "پڇاڙو ٽيڙ" اصطلاح آهن. توهان کي به اهڙا ٻيا اصطلاح ٻڌايو:

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:
ورندي – ٻانهن – پڌرنامو – لَڄُن – پڇاڙو – پڇاڙي.

(د) هيٺين لفظن جا ضد ٻڌايو:

اڌاري		آقا	
عجمي		انتها	
حرام		پڇاڙي	

www.perfect24u.com

www.perfect24u.com

حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنه

حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنهُ رسول اڪرم صَلَّي الله عَلَيه وآلهٖ وَسَلَّمَ جن جو هڪ نامور صحابي ٿي گذريو آهي. حضرت سلمان فارسيؓ اصفهان جي هڪ ڳوٺ ۾ جائو هو. سندس پيءُ هڪ هاري هو.

ايران ۾ ان وقت زرتشت مذهب جو زور هو، جنهن ۾ باهه جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. حضرت سلمانؓ ننڍي هوندي آتشڪدي جي ايتري خدمت ڪئي، جو ڪيس ان جي خاص خادمن ۾ شامل ڪيو ويو. هڪ ڀيري حضرت سلمانؓ ڪي سندس پيءُ ٻنيءَ تي ڪنهن ڪم سان موڪليو. واٽ تي عيسائين جون ڪليسائون هيون، جتي اُهي عبادت ڪري رهيا هئا. انهن جي عبادت جي طريقي ڪان حضرت سلمانؓ ڏاڍو متاثر ٿيو. پاڻ عيسائي مذهب بابت انهن ڪان معلوم ڪيائين. انهن ڪيس شام ملڪ جو ڏس ڏنو. جتي عيسائي مذهب جو مرڪز هو.

حضرت سلمانؓ فارسي ڪي ٻنيءَ تان موٽندي دير ٿي وئي هئي. سندس پيءُ انڪري ڏاڍو پريشان ٿيو. جڏهن هو گهر پهتو، تڏهن پيءُ ڪي دير جو ڪاوڙ ٻڌايائين. سندس پيءُ ڪي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. هن حضرت سلمانؓ ڪي زنجيرن سان ٻڌي ڇڏيو.

ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ حضرت سلمانؓ ڪي اطلاع مليو ته هڪ قافلو شام وڃي رهيو آهي. پاڻ زنجيرون ٽوڙي اچي قافلي سان مليو ۽ شام پهتو. اُتي هو هڪ عيسائي پيشوا سان مليو.

www.perfect24u.com

جتان ’نصيبن‘ مان ٽيندو ’همورية‘ ۾ هڪ بزرگ وٽ پهتو. حضرت سلمان سلمانؓ اتي ڪجھ عرصو رهيو. اتي پاڻ پورهيو ڪري ٻڪريون ۽ رڍون خريد ڪيون. انهيءَ بزرگ وفات وقت ڪيس چيو تہ هاڻي توکي سڪون آخري نبيءَ وٽ ملندو، جيڪو هجرت ڪري يثرب ايندو. سندس نشانيون هي آهن، تہ هو صدقي جون شيون پاڻ استعمال ۾ نہ آڻيندو، بلڪ هديي ۾ مليل شيون ڪتب آڻيندو. سندس ٻنهي ڪُلهن جي وچ تي نبوت جي مُهر هوندي.

حضرت سلمانؓ پنهنجو سمورو مال قافلي وارن کي يثرب وڃي وڪڻ لاءِ ڏنو. قافلي وارن کيس غلام بڻائي هڪ يهودي‌ءَ وٽ وڪڻي ڇڏيو. حضرت محمّد مصطفيٰ صَلَّي اللهُ عَلَيه وآلهٖ وَسَلَّمَ جن هجرت ڪري مديني پهتا، تڏهن حضرت سلمانؓ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ صدقي جي کجور پيش ڪيائين. پاڻ سڳورنؐ اُها کجور صحابن ۾ ورهائي ڇڏي، پر پاڻ نہ کاڌائون. ٻئي ڀيري حضرت سلمان فارسيؓ هديي طور ڪجھ شيون ڪڍي ويو، پاڻ سڳورنؐ اُهي شيون قبول فرمايون ۽ استعمال ۾ ڪيون. باقي نبوت جي مُهر جي هڪڙي نشاني رهيل هئي. نيٺ انهيءَ جي ۾ زيارت ٿيس ۽ پاڻ ايمان آڻي مسلمان ٿيو.

ڪجھ وقت کان پوءِ حضرت سلمانؓ، رسول اڪرم صَلَّي اللهُ عَلَيه وآلهٖ وَسَلَّمَ ۽ صحابن جي مدد سان پنهنجي قيمت ادا ڪري آزاد ٿيو.

www.perfect24u.com

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنهُ پنهنجي خلافت جي زماني ۾ حضرت سلمانؓ کي 'مداين' جو گورنر مقرر ڪيو. گورنر ٿيڻ کان پوءِ به سندس طبيعت ۾ ڪنهن به قسم جو ڦيرو ڪونہ آيو. اسلامي احڪامن جي پوريءَ طرح پيروي ڪرڻ سان گڏ اسلامي تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ نهايت گهڻيون ڪوششون ورتائين. سن 37 هجريءَ ۾ اسلام جي هن مجاهد مرد اَسِي سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- حضرت سلمانؓ ڪٿي جو رهاڪو هو؟

2- حضرت سلمانؓ حق ۽ سچ جي ڳولا لاءِ ڪهڙيون ڪوششون ڪيون؟

3- اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ حضرت سلمانؓ ڪهڙيون خدمتون سرانجام ڏنيون؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

نامور – پيشوا – ڪارڻ – ڏس – ڦيرو.

(ج) اهو لفظ جو ڪنهن ماڻهوءَ، ٻئي جاندار يا بي جان شيءِ جو خاص طرح نالو هجي، تنهن کي اسم خاص چئجي ٿو، هن سبق مان اهڙا اسم خاص چونڊي لکو:

www.perfect24u.com

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام

امام جعفر صادق عليه السلام سن 80 هجريءَ ۾ مديني منوره ۾ ڄاوا. سندن والد جو نالو امام محمد باقرؑ آهي. سندن نسبي سلسلو چوٿين پيڑهيءَ ۾ حضرت علي ڪرم الله وَجْهَهُ سان ملي ٿو. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي حضرت امام زين العابدينؑ کان ورتائون. پنهنجي ڏاڏي جي وفات کان پوءِ، پنهنجي والد جي درس ۾ شريڪ ٿيا ۽ تعليم جو سلسلو جاري رکيائون. پنهنجي ڏاڏي ۽ والد جي صحبت ۽ تعليم مان فيض پرايايون.

امام جعفر صادقؑ پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ فقيهه هئا. ڪيترائي مشهور عالم ۽ فقيهه فيض حاصل ڪرڻ لاءِ وٽن اچي رهندا هئا. انهن ۾ فقهه حنفيءَ جو باني امام ابوحنيفهؒ، فقهه مالڪيءَ جو بنياد وجهندڙ امام مالڪؒ ۽ دنيا جي مشهور مفڪر، ڪيمياداڻ، نجوم ۽ رياضيءَ جي ماهر ابو موسيٰ جابر بن حيان جا نالا ذڪر لائق آهن.

امام جعفر صادقؑ ديني مسئلن جي تحقيق ۽ چند ڇاڻ ڪري، انهن تي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ فتوائون ڏنائون. سندن ديني فتوائن، فيصلن ۽ ديني سمجهاڻين اڳتي هلي باقاعدي فقهه جي صورت اختيار ڪئي، جيڪا فقهه جعفريه جي نالي سان مشهور آهي.

www.perfect24u.com

سندن ڏنل تعليم مان ڪي اهم ڳالهيون هي آهن:

* نماز پڙهو ۽ ان تي هميشه قائم رهو، ڇاڪاڻ ته نماز دين جو مضبوط ٿنيو آهي.

* جيڪو شخص بين لاءِ کڏ کوٽي ٿو، اهو پاڻ انهيءَ کڏ ۾ ڪِرندو. جيڪو شخص بيوقوفن جي صحبت اختيار ڪري ٿو. سو ذليل ٿئي ٿو ۽ جيڪو شخص خراب هنڌن تي ويندو، ان لاءِ ماڻهو چگو خيال نه ڪندا.

* هميشه سچ ڳالهائجي، پوءِ انهيءَ مان نفعو پهچي يا نقصان.

* جيڪڏهن ماڻهن سان ميل ميلاپ رکڻو هجي ته چگن ماڻهن سان رکجي. فاجر ۽ فاسق ماڻهن کان هميشه دور رهجي. اهي ماڻهو اهڙي جبل وانگر آهن، جنهن مان نه ڪو پاڻيءَ جو چشمو ٿو نڪري ۽ نه وري مٽس ڪو وڻ ئي ٿو اُپري. هو اهڙي زمين جهڙا آهن، جنهن تي ڪنهن به سلي پيدا ٿيڻ جي اُميد نه آهي.

حضرت امام مالڪؒ جي ڪچهريءَ ۾ هڪ دفعي حضرت امام جعفر صادقؑ جي ڳالهه اچي نڪتي پاڻ فرمايائون ته:

"آءٌ جعفر بن محمد جي خدمت ۾ جڏهن به حاضر ٿيندو هئس، تڏهن ڪيس هميشه مُرڪندي ڏسندو هئس. جڏهن سندن خدمت ۾ نبي ڪريم صَلَّي اللهُ عَلَيه وآلهٖ وَسَلَّمَ جن جو ذڪر ٿيندو هو. تڏهن پاڻ ايترو متاثر ٿيندا هئا، جو سندن مُنهن مبارڪ زردي مائل ٿي ويندو هو. آءٌ نهايت گهٽو سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو هئس.

www.perfect24u.com

"پاڻ سدائين نماز پڙهندي ڏسڻ ۾ ايندا هئا، يا روزي جي حالت ۾ قرآن مجيد پڙهندي ڏسبا هئا. سندن دل ۾ الله تعاليٰ جي ذات کان سواءِ ٻئي کنهن جو به خوف کونہ هو."

حضرت امام جعفر صادقؑ وڏا سخي هئا. جيڪو مستحق ۽ ضرورتمند وٽن ايندو هو، ان جي اهڙي نموني مدد ڪندا هئا، جو ماڻهن کي ان جي خبر ئي کانہ پوندي هئي. سندن دستور هو تہ جڏهن رات جو اوندهہ ٿيندي هئي، تڏهن هڪ ٽوڪريءَ ۾ مانيون، گوشت ۽ ٻيون کاڌي جون شيون وجهي مديني منوره جي گهٽين ۾ ويندا هئا ۽ ضرورتمندن کي ورهائي ڏيندا هئا. اهو عمل سندن آخري دم تائين قائم رهيو. اسلام جي هن بزرگ هستيءَ سن 148 هجريءَ جي شوال مهيني ۾ وفات فرمائي.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- حضرت امام جعفر صادقؑ کهڙن استادن وٽ تعليم حاصل ڪئي؟

2- حضرت امام جعفر صادقؑ جن جا کهڙا مشهور شاگرد ٿي گذريا آهن؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

نسبي – پيڙهي – فيض – فاجر – فاسق – مستحق.

(ج) ڪن به پنجن ڪمن جا نالا لکو:

جيئن: لکڻ، پڙهڻ.

(د) مٿن مائٽن جي رشتن جا نالا لکو، جيئن:

ڏاڏو – پيءُ – ماءُ ۽ ڌيءَ.

www.perfect24u.com

قائدِ اعظمؒ جا ارشادَ



قائدِ اعظمؒ اسان جي پياري وطن پاڪستان جو باني ۽ عظيم اڳواڻ هو. سندس ارشادَ هِي آهن:

شاگردن ڏانهن:

* تعليم پڪيڙ لاءِ وڏي ۾ وڏي قرباني ڏيڻ کان به ڪيبائڻ نہ گهرجي. اُن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيتريون به تڪليفون اچن، اُهي ٿوريون آهن.
* آءٌ توهان کي تعليمي عمل ۾ مصروف رهڻ جو تاڪيد ٿو ڪريان، ڪَمُ ۽ بس ڪَمُ. پنهنجي قوم جي سچائيءَ سان خدمت ڪندا رهو ۽ اڳتي وڌندا رهو.
* توهان مستقبل جا معمار آهيو. ان لاءِ جيڪو ڏکيو ڪم اوهان جي ذِمي آهي. اُن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي شخصيت ۾ نظم ۽ ضبط پيدا ڪريو، مناسب تعليم ۽ موزون تربيت حاصل ڪريو.

www.perfect24u.com

* آءٌ پاڪستان جي هر رهاڪُو ۽ خاص طرح پنهنجي نوجوان طبقي کي هيءَ ڳالهه چڱيءَ طرح ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته خدمت، برداشت ۽ همت جي سچي جذبي جو مظاهرو ڪريو. اهڙو اعليٰ مثال قائم ڪريو، جو اوهان جا ساڻي ۽ ايندڙ نسل اوهان جي پيروي ڪري.

سرڪاري ملازمن ڏانهن:

* جيڪڏهن اسين هن عظيم مملڪت پاڪستان کي خوشحال ڏسڻ چاهيون ٿا، ته اسان کي پوري توجهه سان غريب ماڻهن جي چڱائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻو پوندو. جيڪڏهن اوهان هڪ ٻئي سان تعاون ڪريو ته مون کي يقين آهي ته اوهان ڪامياب ٿيندا.

* آءٌ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته دنيا ۾ اوهان جي ضمير کان وڌيڪ ڪابه شيءِ نه آهي. جڏهن اوهان خدا جي حضور ۾ پيش ٿيو، تڏهن اوهان خود اعتماديءَ سان چئي سگهو، ته مون تي جيڪي فرض رکيل هئا، اُهي مون پورا ڪري ڇڏيا. مون کي يقين آهي ته اوهان اهو جذبو پنهنجي دلين ۾ پيدا ڪري ونندا ۽ انهيءَ مطابق زندگيءَ جو ڪم سرانجام ڏيندا.

* جيڪڏهن اوهان واقعي پاڪستان جو وقار بلند ڪرڻ ٿا چاهيو ته اوهان کي ڪنهن به قسم جي دٻاءُ جو شڪار ٿيڻ نه گهرجي، پر ان جي ابتڙ عوام ۽ ملڪ جي سچي خادم جي حيثيت سان پنهنجا فرض بي خوفيءَ سان پورا ڪندا رهو.

www.perfect24u.com

پاڪستاني عوام ڏانهن:

* قدرت توهان کي سپ ڪجهه ڏنو آهي، توهان وٽ اڪيچار ذريعا آهن، توهان جي ملڪ جو بنياد پئجي چڪو آهي. هاڻي اهو توهان تي ڇڏيل آهي، ته توهان ان کي ڪيئن ٿا ناهيو، جيترو جلد ناهي سگهو ٿا، ناهيو.

* منهنجي پيغام جو ٽڻ هيءُ آهي، ته هر مسلمان کي ايمانداريءَ، خلوص ۽ بي غرضيءَ سان پاڪستان جي خدمت ڪرڻ گهرجي.

* اسين مستقل مزاجي، اٽڪ محنت ۽ قرباني جي جذبي سان پاڪستان کي هڪ عظيم ۽ مستحڪم مملڪت بڻائينداسين. انشاءالله پاڪستان قائم رهڻ لاءِ نهيو آهي ۽ زمين جي ڪابه طاقت اهڙي نه آهي، جا ان کي تباهه ڪري سگهي.

* قيامِ پاڪستان، جنهن لاءِ اسان گذريل ڏهن سالن کان جدوجهد ڪري رهيا هئاسين، سو الله جو شڪر آهي ته اڄ ڪُليل حقيقت آهي. اسان جو مقصد صرف هڪ مملڪت حاصل ڪرڻ نه هو، بلڪ اهو مقصد حاصل ڪرڻ جو ذريعو هو. مقصد اهو هو ته اسان اهڙيءَ مملڪت جا مالڪ هجون، جتي اسين پنهنجي روايتن ۽ تمدني خصوصيتن مطابق ترقي ڪري سگهون، جتي

www.perfect24u.com

اسلام جي عدل ۽ هڪجهڙائيءَ جي اصولن تي آزاديءَ سان عمل ڪرڻ جو موقعو حاصل هجي.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- قائداعظم شاگردن کي نصيحت ڪندي ڪهڙين ڳالهين ڏانهن سندن ڌيان ڇڪايو آهي؟

2- سرڪاري ملازمن کي قائداعظم ڪهڙي هدايت ڪئي آهي؟

3- قائداعظم جي خيال موجب پاڪستان ڪهڙن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو ويو آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڪيبنٽ – معمار – موزون – تربيت – برداشت – تَڻُ – تعاون – جدوجهد.

(ج) اهو نالو جو هڪڙي قسم جي سيني جاندار يا بي جان شين لاءِ هڪجهڙو هجي يا هرهڪ سان لاڳو ٿي سگهي، تنهن کي اسم عام چئجي ٿو، توهين اهڙا ڪي ٻه پنج اسم عام لکي ڏيکاريو.

(د) هيٺين جملن کي درست ڪري لکو:

1- آهي حقيقت کلي شڪر سو آهي جو خدا اڄ تہ.

2- توهان قدرت سي ڪجهہ کي آهي ڏنو.

www.perfect24u.com

اتحاد، تنظيم ۽ يقين محڪم

قومن جي ترقي ۽ تنزل، ڪمال ۽ زوال جو دارومدار اتحاد تي آهي. اتحاد اهو روح آهي، جيڪو قومن کي حياتي ۽ تازگي بخشي ٿو. تاريخ شاهد آهي ته دنيا ۾ اهي ئي قومون زنده رهي سگهيون آهن، جن ۾ اتحاد جي قوت هئي، پر جنهن قوم ۾ نفاق ۽ ڦيٽاڙو هو، اها تباهه ۽ برباد ٿي ويئي. دنيا جو ڪوبہ ننڍو توڙي وڏو ڪارنامو تيستائين سرانجام ڏيئي نٿو سگهجي، جيستائين پاڻ ۾ اتحاد قائم نٿو ڪجي. دنيا جون هي عظيم ايجادون، دريائن ۽ هوائن تي انسان جي حڪمراني، سج جي توانائيءَ مان فائدا حاصل ڪرڻ ۽ زمين مان خزانا کوٽي ڪيڏ، اهي سڀ عمل انسان لاءِ تڏهن آسان ٿيا، جڏهن هن پاڻ کي اتحاد جي زيور سان سينگاريو.

اسلام ۾ اتحاد کي خاص اهميت ڏنل آهي. قرآن شريف ۾ ارشاد آهي ته "الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پکڙيو ۽ ٽولا ٽولا نہ ٿيو." اسان جي پياري وطن پاڪستان جي بانيءَ قائدِاعظم محمد علي جناح پاڪستان جي پهرين سالگرهہ جي موقعي تي قوم جي نالي پيغام ڏيندي فرمايو هو ته "هن وقت قوم نهايت نازڪ دَور مان گذري رهي آهي. ان ڪري قوم کي اتحاد، تنظيم، يقين محڪم ۽ عمل پيهم جي ضرورت آهي." قوم جي ان فرض شناس رهبر انهيءَ حقيقت کي صحيح طور سجاتو هو ته جيستائين اسان پاڪستاني رنگ، نسل، زبان، رسم ۽ رواج جا ويڇا وساري هڪ پاڪستاني قوم نہ

www.perfect24u.com

ٿيندا سين، تيستائين اسان جو پيارو وطن ساراهَ جوڳي ترقي ڪري نہ سگھندو. ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ هميشه عمل جي ضرورت هوندي آهي؛ پر صحيح عمل تڏهن ٿيندو، جڏهن قوم ۾ مڪمل اتحاد هوندو. هر ڪنهن قومي عمل يا ارادي جي پورائي لاءِ رڃابندي ۽ تنظيم جي ضرورت هوندي آهي.

قومن جي ترقيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ، اتحاد کان پوءِ تنظيم جي ضرورت هوندي آهي. فوج جو ئي ڪٽي مثال وٺو. فرض ڪريو تہ ڪنهن فوج ۾ اتحاد ۽ اتفاق آهي، طاقت آهي، جنگي ساز و سامان بہ گھٽو آهي، پر جيڪڏهن انهيءَ فوج ۾ تنظيم نہ آهي تہ اها جنگ جي ميدان ۾ ڪاميابيءَ جي بجاءِ شڪست جو منهن ڏسندي.

قومن جي ترقيءَ ۽ سربلنديءَ لاءِ ارادي جي پختگي يعني يقين محڪم جي بہ ضرورت هوندي آهي. جيستائين ڪنهن قوم کي پنهنجي عمل تي مڪمل يقين ۽ ان جي صداقت ۾ مڪمل پروسو نہ آهي، تيستائين اها قوم اتحاد ۽ تنظيم جي خوبيءَ هوندي بہ هن دنيا ۾ ڪو نمايان ڪم ڏيکاري نہ سگھندي. دنيا جون هي عظيم الشان عمارتون، باغ ۽ باغيچا، سُهٽيون بازاريون، انوکيون مشينون ۽ ٻيون سائنسي ايجادون، جي اسان لاءِ عيش ۽ آرام جو سامان مهيا ڪن ٿيون، سي سڀ انسان پنهنجي مسلسل عمل ۽ مستقل ارادي، يعني عمل پيهم ۽ يقين محڪم سان وجود ۾ آندیون آهن.

دنيا جا نامور اڳواڻ ۽ سپهہ سالار، جن پنهنجي قومن کي عزت ۽ عظمت جو مقام ڏيکاريو آهي، سي سڀئي مستقل ارادي ۽ يقين محڪم وارا هئا. انهن عظيم انسانن پنهنجي پُختي يقين ۽ لاڳيتي ڪوشش سان قومن ۾ اتحاد آڻي، کين

www.perfect24u.com

تنظيم جي قوت سان طاقتور ڪري، دنيا ۾ سرخرو ۽ سرفراز بڻايو آهي. تُرڪيءَ جي عظيم رهنما غازي ڪمال اتاترڪ ۽ نندي ڪنڊ پاڪ- هند جي مسلمان رهنما قائدِاعظمؒ جا مثال اسان جي اکين آڏو آهن، تہ ڪيئن نہ انهن اڳواڻن ارادي جي قوت ۽ پختي يقين سان پنهنجي قومن کي آزاديءَ جي سعادت سان همڪنار ڪيو.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- اتحاد نہ هئڻ ڪري قوم کي ڪهڙو نقصان ٿيندو؟
2- اتحاد مان ڪهڙا فائدا آهن؟
3- تنظيم چو ضروي آهي؟
4- يقين محڪم چا کي ٿو چئجي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

تنظيم – سرفراز – احترام – عمل پيهم – ويچا.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

آسمان – رهبر – صحيح – ڪاميابي.

(د) ڪنهن بہ ماڻهوءَ يا شيءِ وغيره جي ذاتي خاصيت، حالت يا ڪم تي رکيل نالي کي اسم ذات چئجي ٿو؛ توهين کي بہ اهڙا پنج اسم لکي ڏيکاريو.

www.perfect24u.com

مولانا دين محمد وفائي

سنڌ جي سرزمين پنهنجي تاريخ جي مختلف دورن ۾ ڪيترن ئي بزرگ، محبِ وطن ۽ انسان دوست شخصيتن کي جنم ڏنو آهي. انهن باڪمال هستين جي پُرخلوص ۽ بي انتها ڪوشش سبب سنڌ جو نالو هميشہ روشن رهندو آيو آهي. انهن شخصيتن نہ رڳو هتي جي مخصوص تهذيب ۽ تمدن کي قائم رکيو، پر انساني تهذيب جي ارتقا جو خنده پيشانيءَ سان آڏر ياڻُ ڪيو. اهڙيءَ طرح هنن، هن خطي جي رهاڪن کي دنيا جي سڌريل ملڪن جي درجي تي پهچائڻ جون ڪوششون ڪيون. اهوئي سبب آهي جو کين اڄ بہ عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو.

مولانا دين محمد وفائيؒ بہ سنڌ جي اهڙين ئي اعليٰ شخصيتن مان هڪ هو، جن جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن تي جيترو بہ ناز ڪجي اوترو گهٽ آهي. سندس ولادت 27 رمضان المبارڪ 1311ھ مطابق 4 اپريل 1894ع تي سندس اَباڻي ڳوٺ ڪٽي عرف نبي آباد تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ ٿي. سندس والد جو نالو خليفو حڪيم گل محمد هو ۽ پاڻ ذات جو پٺي هو. مولانا جي اوائلي تعليم سندس والد صاحب جي نظر هيٺ ٿي، جنهن ۾ فارسيءَ جا ابتدائي ڪتاب پڙهيائين. اڃا نون ورهين جي ڄمار مس هيس تہ پيءُ جو سايو سِر تان کڄي ويس ۽ سندس پالنا جو سمورو بار سندس والده جي ڪُلهن تي اچي پيو. اهڙيءَ حالت ۾ بہ پاڻ تعليمي سلسلي کي ختم نہ ڪيائين. فارسيءَ

www.perfect24u.com

جي رهيل تعليم پنهنجي عزيز، ميانجي محمد عالم وٽ رهي پوري ڪيائين. ان کان پوءِ عربيءَ جي تحصيل لاءِ مولوي غلام عمر جتوئيءَ جي مدرسي گوٽ سوني جتوئي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ وڃي داخل ٿيو ۽ اُتي پنج سال رهيو. انهيءَ عرصي ۾ عربيءَ جي تعليم مڪمل ڪيائين. تعليم ختم ڪري پنهنجي استاد مولوي غلام عمر جي مشوري سان سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ اچي استاد ٿيو ۽ اتي ٻن سالن تائين رهيو. هتي سندس ملاقات مخدوم حاجي حسن الله پاڻائيءَ سان ٿي. جنهن جي صحبت مان کيس گهڻو فيض حاصل ٿيو.

انهيءَ وچ ۾ سندس علمي ناماچار سڃيءَ سنڌ ۾ پکڙجي ويو، جنهن کان متاثر ٿي راڻيپور جي جيلاني پيرن کيس پنهنجن صاحبزادن جي تعليم لاءِ راڻيپور گهرايو. هتي پاڻ ٻن سالن تائين رهيو. ان کان پوءِ ٽلاهه جي مشهور راشدي بزرگ، حاجي امام الدين شاهه، کيس پنهنجي فرزندن جي تعليم لاءِ دعوت ڏني.

ٽلاهه ۾ رهڻ واري دور ۾ سندس واقفيت حاجي امام الدين راشديءَ جي وڏي پاءُ علامه سيد رُشد الله شاهه جهنڊي واري سان ٿي. جنهن جي صحبت ۽ علمي رهاڻين مان مولانا صاحب کي نهايت گهڻو فيض حاصل ٿيو.

هيءُ اهو زمانو هو، جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي هلندڙ هئي. اِنڪري دنيا جو هرهڪ ماڻهو حيران ۽ پريشان هو. سنڌ جي حالت بہ ڪا چڱي ڪانہ هئي. جيتوڻيڪ جنگ جي تباهين کان بچاءُ هو؛ پر انگريزن جي غلاميءَ جي ڪري جيڪي جذبا

www.perfect24u.com

ماڻهن جي دلين ۾ اُپري رهيا هئا، اُهي جنگ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ يڪدم ظاهر ٿي پيا. هن سلسلي ۾ جيڪا تحريڪ سڀني کان اڳري هئي، سا هئي خلافت تحريڪ. جيئن ته هن تحريڪ جو تعلق خاص طرح مسلمانن سان هو، تنهنڪري تحريڪ جي شروع ٿيندي ئي مولانا صاحب ٽلاهه شريف کي الوداع چئي هن تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو.

انگريزن هن تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ ڪن لالچي مولوين کان خلافت جي مسئلي خلاف فتوائون وڻي هڪ رسالي جي صورت ۾ شايع ڪرايون. انهيءَ رسالي جي ڇپجڻ سبب سنڌ ۾ تحريڪ کي نقصان پهچڻ جو سخت انديشو هو.

مولانا وفائيءَ اها ڳالهه هڪدم محسوس ڪئي ۽ سکر مان نڪرندڙ اخبار "الحق" جي مالڪ شيخ عبدالعزيز سان گڏجي ان رسالي خلاف ڪم شروع ڪيائين. ساڳئي وقت سنڌ جي مرد مجاهد، مولانا سيد تاج محمود امروٽيءَ جي نظرداريءَ هيٺ انهيءَ رسالي جي رد ۾ هڪ رسالو تيار ڪيائين، جيڪو مارچ 1920ع ۾ لاڙڪاڻي جي خلافت ڪانفرنس جي موقعي تي تقسيم ڪيو ويو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ مولانا ابوالڪلام "آزاد"، مولانا عبدالباري لکنوي ۽ مولانا شوڪت علي شريڪ ٿيا هئا. جلد ئي مولانا وفائيءَ کي جمعيت العلماء سنڌ جو ناظم مقرر ڪيو ويو، جنهنڪري پاڻ هميشه لاءِ ڪراچي ۾ رهائش اختيار ڪيائين.

مارچ 1920ع کان "الوحيد" اخبار جاري ٿي. ان ۾ مولانا، اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ان سان گڏ 1923ع ۾ رسالو

www.perfect24u.com

"توحيد" بہ جاري ڪيائين. جنهن ۾ علمي، تاريخي ۽ مذهبي مضمون شايع ٿيڻ لڳا. شروعات ۾ هيءُ رسالو گهٽو وقت هلي ڪين سگهيو.

1930ع ۾ وري "توحيد" رسالو جاري ڪيائين، جو سندس حياتيءَ تائين آب تاب سان هلندو رهيو. سال 1936ع ۾، جڏهن سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي صوبي جي حيثيت اختيار ڪئي، تڏهن "الوحيد" جي "سنڌ آزاد نمبر" شايع ڪرڻ ۾مولانا صاحب خاص دلچسپي ورتي. سال 1939ع ۾، مولانا عبيدالله سنڌي جلاوطنيءَ کان واپس آيو ۽ سنڌ ۾ شاهه ولي الله دهلويءَ جي تعليم جا مرڪز کوليائين. مولانا وفائيءَ انهن مرڪزن جي ڪاميابيءَ لاءِ سرگرم ڪارڪن ٿي ڪم ڪيو. مولانا وفائي نہ رڳو دين جو عالم هو، پر ڪيس تاريخ، جاگرافي ۽ لغت تي پڻ دسترس هئي.

"الوحيد" اخبار ۽ ماهوار "توحيد" رسالي جو هر پرچو سندس قومي خدمت ۽ علمي خواهه ادبي حيثيت جو بهترين مثال آهي. انهيءَ اخبار ۽ رسالي جي ذريعي مولانا صاحب سنڌ جي ديني، علمي، سماجي ۽ سياسي، فلاح ۽ بهبود بابت هرهڪ عملي قدم کان سنڌ جي ٻچي ٻچي کي واقف ۽ سجاڳ ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪوشش ڪئي، انهن کي ڏسي سندس حبِ الوطنيءَ ۽ علمي بزرگيءَ جو ڏاڪو دل تي جمي وڃي ٿو. مولانا صاحب ٽيهارو ڪتاب پڻ لکيا، جن کي هڪ خاص درجو حاصل آهي.

اسلام جو هيءُ خادم، عالم، اديب ۽ مجاهد ماه

www.perfect24u.com

جمادي الآخر 1369هـ مطابق اپريل 1950ع ۾ رحلت ڪري وڃي، حقيقي محبوب سان مليو.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- مولانا وفائيءَ جي نندپڻ بابت اوهان کي ڪهڙي خبر آهي؟
2- مولانا وفائيءَ کي ڪهڙن بزرگن جي ڪچهريءَ مان فيض حاصل ٿيو؟
3- مولانا وفائيءَ جا ڪهڙا علمي يادگار موجود آهن؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:


اوائلي – ڄمار – ناماچار – مهاپاري – اڳري – ڏاڪو

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

ڪمال		ولادت	
انتها		والد	
اعليٰ		خلاف	
گهٽ		خادم	

www.perfect24u.com

مائِي خيرِي



سنڌ جي مسلمانن ۾ ڪي عورتون اهڙيون به ٿي گذريون آهن، جيڪي خير جي ڪمن ۾ مردن کان به گوءِ ڪٽي ويون آهن. مائي خيري به انهن سخي ۽ درياءَ دل عورتن مان هڪ هئي. جنهن جو نالو اڄ سُوڏو پيو ڳائجي. هيءَ بيبي صاحبہ مرحوم مير صوبدار خان شهيد جي راڻي هئي.

سندس اصل نالو بيبي خيرالنساء هو. هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ايترا تہ خير جا ڪم ڪيا جو ڪيس سي سڏيندا ئي "مائي خيري" هئا. هوءَ ننڍي هوندي کان ونيِ ڏاڍي ذهين ۽ هوشيار هئي. ڪيس علم سان نهايت گهڻو چاهه هو. ميرن جي حڪومت ۾ فارسيءَ ۽ عربيءَ جي تعليم رائج هئي. بيبي صاحبہ نهايت لائق ۽ پرهيزگار استادن جي نظرداريءَ هيٺ

www.perfect24u.com

تعليم ورتي. ٿوري ئي وقت ۾ هن قرآن شريف پورو ڪري ورتو.

ان کان پوءِ هن فارسيءَ ۽ عربيءَ جي تعليم ونڊ شروع ڪئي؛ جنهن ۾ چگّي لياقت حاصل ڪيائين. هوءَ سخي ۽ ديندار انسانن جي احوالن پڙهڻ ۾ گهڻي دلچسپي ونندي هئي ۽ ديني علم سان ڏاڍي محبت هوندي هُيس. هوءَ نهايت رحمدل ۽ نيڪ هئي. پاڻ هر سال ڏاڍي خبرداريءَ سان زڪوات ڏيندي هئي. جيڪا غريبن ۽ مسڪينن کي گهر ويڻي ڏيَاري موڪليندي هئي. چوندي هئي ته "الله تعاليٰ اسان جي دولت ۾ غريبن جو حصو مقرر ڪيو آهي، جيڪو کين ضرور ڏيڻ گهرجي."

هن کي خيرات ڪرڻ ۾ ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. ڪيترن ئي ٻُڌڙين، معذور ۽ بيواهه عورتن لاءِ ماهوار وظيفا مقرر ڪري ڇڏيا هئائين، جيڪي پڻ کين گهر ويڻي موڪلي ڏيندي هئي. ڪڏهن به ڪنهن سوالي‌ءَ کي خالي نه موٽايائين، حڪومت ۽ دولت هوندي به پاڻ سادگي پسند ڪندي هئي. سادو کائيندي هئي ۽ سادو هنڌائيندي هئي. وڏائيءَ جو ته وٽس نالو به ڪونه هو.

غريبن سان گڏ ويهڻ ۾ ڪيس پنهنجي اميري ۽ وڏ ماڻهپي جو ڪڏهن به خيال ڪونه ٿيندو هو. غريبن ۽ گهرجائُو عورتن کي ڪنهن به وقت وٽس اچڻ وڃڻ جي روڪ ٽوڪ ڪونه هئي. سندس خير جا دروازا مسڪينن لاءِ هر وقت کليل رهندا هئا. ڪيس مسجدن ۽ مدرسن ٺهرائڻ جو به ڏاڍو شوق هوندو هو. جدا جدا ڳوٺن ۽ شهرن ۾ هن ڪيتريون ئي مسجدون تعمير ڪرايون ۽ کوهه کوٽايا. حيدرآباد ۾ هڪ ڦُبائين

www.perfect24u.com

مسجد شريف جوڙايائين، جا فقير جي پڙ ۾ اڄ سوڏو "مائي خيريءَ واري مسجد" سڏجي ٿي.

هُن مسجد سان لاڳو، هڪ ديني مدرسو پڻ قائم ڪيو، جنهن جو سمورو خرچ پاڻ پريندي هئي. جيڪي طالب علم انهيءَ مدرسي ۾ پڙهندا هئا، انهن جو کاڌو پيتو، ڪپڙو لٽو ۽ پيو خرچ وغيره سندس ذمي هوندو هو. مدرسي جي مُعلمن، بلڪ سندن ڪٽنبن جو سمورو خرچ به پنهنجي هَڙان ڏيندي هئي. ان کان سواءِ قرضدارن جا قرض ادا ڪرڻ، غريبن ۽ نادارن کي شادي مُراديءَ مهل مدد ڪرڻ، لاوارثن جي ڪفن دفن جو انتظام ڪرڻ ۽ اهڙن ٻين پلي جي ڪمن جو خاص خيال هوندو هئس. اڄ اهڙيون عورتون تمام گهٽ آهن جيڪي بيبي خيريءَ جي نقشِ قدم تي هلنديون هونديون!

دنيا جي شان ۽ شوڪت، دولت ۽ عزت کي جٽاءُ ڪونهي. مرڻ وقت ڪوبه پاڻ سان اهي شيون کڻي ڪونه ويندو. تنهنڪري هرهڪ سَرندِيءَ واري کي گهرجي ته حياتيءَ ۾ اهڙا چڱائيءَ جا ڪم ڪري، جو مرڻ بعد سندس نيڪ نامي ٿئي.

هيءَ نيڪوڪار بيبي، تاريخ پهرين ماه رمضان المبارڪ سن 1272ھ جي آڏيءَ رات جو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويئي؛ پر سندس نالو اجا پيو ڳائجي. سندس وفات ڪري سڏ جي هر هڪ ماڻهو ۽ خاص طور حيدرآباد جي عوام کي ڏاڍو صدمو رسيو. اُها اک نه هئي، جنهن سندس وفات تي ڳوڙها نه ڳاڙيا. سندس جنازي سان بي انداز ماڻهو روئندا ٿي هليا. ڪيس هالا جي پرسان خداآباد ۾ دفنايو ويو.

www.perfect24u.com

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- مائي خيريءَ جي حياتيءَ جو مختصر احوال ٻڌايو؟
2- مائي خيري کهڙا کهڙا خير جا ڪم ڪيا؟
3- حيدرآباد ۾ سندس کهڙو يادگار آهي؟
4- سرنديءَ وارن مردن خواهه عورتن کي سندس حياتيءَ مان کهڙو سبق سکڻ گهرجي؟
5- مائي خيريءَ ڪڏهن وفات ڪئي؟
6- سندس مقبرو ڪٿي آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

رائج – معذور – گهرجائو – طالب علم – نقشِ قدم
جٽاءُ – نيڪ نامي – لاڏاڻو.

(ج) هيٺين اصطلاحن جي سمجهاڻي لکو:

گوءِ ڪٽي وڃڻ – نالو ڪڍجڻ – نقشِ قدم تي هلڻ – سوالي خالي نه موٽائڻ – هڻان ڏيڻ.

(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

سخي		اميري	
نيڪ		ڀلي	
ڪُليل		خاص	
خوشي		مرڻ	
ڳوٺن		عوام	

www.perfect24u.com

هُنر دولت آهي

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪ بيواهه رهندي هئي. ڪيس هڪڙو پُٽ هو. هن سوچيو ته پنهنجي پُٽ کي ڪو هنر سيکارجي. اهو سوچي هُوءَ پنهنجي پُٽ کي شهر وٺي آئي. شهر ۾ هڪ واڍي کي ڏنائين، جنهن واهولي سان ڪاٺ جا چوڏا پئي لاتا. ڪاٺ کي هن اهڙو ته لَسو ڪري ڇڏيو، جو ان تان ماڪوڙي به تِرڪِي ٿي وئي.

مائِي اهو لقاءُ ڏسي سمجهي وئي ته هي ته ڪو وڏو ڪاريگر ٿو ڏسجي. سو هوءَ پنهنجي پُٽ کي اُن واڍي وٽ وٺي آئي ۽ ان کي چيائين ته پلائي ڪري هن کي هنر سيکار! واڍي هن کي چيو ته منهنجو هڪ شرط آهي. آڻُ رات جو چوڪري کي هن ڪوٺيءَ ۾ بند ڪندس، جيڪڏهن صبح تائين چوڪرو جيئرو هوندو، ته پوءِ آڻُ ڪيس شاگرد ڪندس. مائيءَ به اللّٰه جو آسرو ڪري پُٽ کي واڍي جي حوالي ڪيو. واڍي چوڪري کي ان ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو.

اُها ڪوٺي اهڙي هئي، جو اُن ۾ رات جو ڏاڍو سيءُ پوندو هو. سِيءَ کان بچڻ لاءِ ڪوٺيءَ ۾ ڪوبه بندوبست ڪونه هو، ايتا ٿوري دير مس ٿي ته چوڪري کي اچي سِيءَ ورايو. چوڪري سِيءَ کان بچڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر سِيءُ گهٽ نه ٿيو. ڪوٺيءَ جي وچ تي هڪ وڏو ٿُڙُ پيو هو. هو سڄي رات ٿُڙُ کي اُٿلائيندو پُٽلائيندو رهيو. ائين هُن جو جسم گرم رهيو.

صبح جو جيئن ئي واڍي ڪوٺي کولي، ته چوڪرو

www.perfect24u.com

جيئرو ڏنائين. پوءِ اُن کي پنهنجو شاگرد ڪيائين ۽ پنهنجو سمورو هُنر ڪيس سيکاريائين. چوڪري جڏهن هنر سکي ورتو، تڏهن واڍي ڪيس موڪل ڏني ته ٻچا، هاڻي وڃي روزگار ڪر ۽ سُکيو گذار.

چوڪرو هلندو هلندو هڪڙي رڻ ۾ پهتو. اُتي اُٺ جا هڏا پيل ڏنائين. هو ب اوزار ڪڍي پنهنجو هُنر آزمائڻ لڳو. انهن هڏن مان هن پاڻ- ڏيڍ چانور ٺاهيا. اُهي چانور هڪ ۾ ٻڌي وري اُتي هليو.

هلندو هلندو اچي هڪ بادشاهيءَ ۾ پهتو. اُتي جي شهزاديءَ اعلان ڪرايو هو، ته جنهن جو هنر اُن کي پسند ايندو، انهيءَ سان هوءَ شادي ڪندي؛ پر جيڪڏهن شهزاديءَ کي اُن جو هنر نه وڻيو، ته پوءِ ان جو سمورو سامان ضبط ڪري، ڪيس غلام ٻڌايو ويندو. شهزاديءَ جي ٻانهيءَ اهو سمورو احوال انهيءَ چوڪري کي ٻڌايو. چوڪري هڪ مان چانور ڪڍي ٻانهيءَ کي ڏنا ۽ چيائين ته هي چانور مون کي رڌي موڪليو.

ٻانهيءَ اُهي چانور شهزاديءَ کي آڻي ڏنا. شهزادي پنهنجي مهمانن لاءِ ڪاڏو پاڻ تيار ڪندي هئي. سو اهي چانور ب هوءَ پاڻ رڌڻ لڳي؛ پر اُهي اصلي چانور ته هئا ڪونہ، جو رڌجن. شهزادي چانورن کي ڳاڙهڻ جا وڏا جتن ڪيا، پر چانور رڌجن ئي نہ! نيٺ شهزاديءَ چوڪري کي گهرايو ۽ هن کان پڇيائين، ته هي ڪهڙا چانور آهن؟ جيڪي رڌجن ئي نٿا! ان تي چوڪري شهزاديءَ کي سڄي ڳالهہ ٻڌائي.

شهزاديءَ کي چوڪري جو هنر پسند آيو. ڪجهہ وقت

www.perfect24u.com

كان پوءِ ٻنهي جي ڏاڍ ڏوم سان شادي ٿي. چوڪري پنهنجي ماءُ کي ٻه گهرائي ورتو ۽ سيئي خوش گذارڻ لڳا.

سياڻن سچ چيو آهي ته "هنر دولت آهي." هُنر جي دولت جنهن ٻه ماڻهوءَ وٽ هوندي، اهو ڪڏهن ٻه بک نه مرندو.

(تلخيص: ڊاڪٽر سحرامداد)

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- بيواهه پنهنجي پُٽ کي هنر سيکارڻ لاءِ ڪٿي وڃي وئي؟
2- هوءَ پنهنجي پُٽ کي ڪهڙي ڪاريگر وٽ وڃي وئي؟
3- وادي مائيءَ کي ڪهڙو شرط ٻڌايو؟
4- چوڪري اُٽ جي هڏن مان ڇا ناهيا؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

هَڏ – ضبط - لقاءُ – جيئرو – رڻ – جتن.

(ج) هن سبق ۾ هڪڙي هُنرمند (وادي) جو ذڪر آهي، توهان ٻين هنرمندن جا نالا لکي ڏيکاريو.

www.perfect24u.com

بسم الله

ڪراچي- سنڌ.
1 جنوري 2018ع

شال خوش هجو.
پيارا دوست غلام رضا

السلام عليڪم.

الله تعاليٰ جي مِهر سان اسان ڏانهن سڀ خير آهي، اميد ته توهان ڏانهن به سڀ خير هوندو. سڀ کان پهريائين توهان کي نئين سال جون مبارڪون هجن. شال نئون سال توهان جي زندگيءَ ۾ خوشيون ۽ ڪاميابيون ڪٽي اچي. آمين.

گذريل موڪلن ۾ اسين توهان وٽ لاڙڪاڻي گُهمڻ آيا هئاسين. سچ ته اهو آهي ته لاڙڪاڻي جهڙي تاريخي ۽ تهذيبي شهر ۾ گذاريل گهڙيون اسان کان وسري نه سگهيون آهن. سنڌ جي قديم آثار واري شهر ’موهن جو دڙو‘ کي ڏسڻ جو پهريون پيرو موقعو مليو. آءٌ ته انهيءَ قديم شهر کي ڏسي حيران ٿي ويس! ڪيڏي نه سهڻي سڀاءَ سان اهو شهر ناهيو ويو هو. پَڪيون گهٽيون، پڪا گهر، پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ پَڪيون ۽ ڏَڪيل نالیون؛ هر طبقي لاءِ ڌار ڌار پاڙا! هن سرزمين جا ماڻهو پنج هزار ورهيه اڳ به ڪيڏا نه ڏاها هئا. انهن پنهنجي شهر کي ڪيڏي نه سهڻي ترتيب سان اڏايو هو! موهن جي دڙي جي ڀيٽ ۾ اسين اڄ به پنهنجا شهر ٿا ڏسون، ته اسان کي ڏاڍي

www.perfect24u.com

ڳٽتي ٽي ٽئي. انهن شهرن جي آدمشماري ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. انهيءَ ڪري اسان جي شهرن جا مسئلا بہ وڃن ٿا وڌندا. صفائي، ٽرئفڪ، رهائش ۽ روزگار جي مسئلن اسان جي شهري زندگيءَ تي ڏاڍو خراب اثر وڌو آهي.

پيارا دوست خط طويل ٽيندو ٿو وڃي. ڳالهيون تہ اجا بہ گهڻيون آهن، ها، 'پير جي ڳوٺ' نيرن ۾ چانورن جي ماني، مکڻ، ماکي ۽ لسي مون کي اجا نہ وسري آهي.

توهان مون ڏانهن جيڪي سنڌي ڪتاب موڪليا آهن، مون انهن جو گهرو اڀياس ڪيو آهي. انهيءَ لاءِ مان توهان جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان. هاڻي منهنجي سنڌي سُڌي ٽي وئي آهي. انهيءَ جو ثبوت منهنجو هيءُ خط آهي.

توهان ڪراچيءَ ڪڏهن ٿا اچو؟ چاچا سائينءَ کي اسان جا سلام ڏجو.

توهان جو دوست
سجاد علي

ڏانهن.
غلام رضا
لاهوري محلو، لاڙڪاڻو سنڌ.

مشق

ياد رکو تہ:

1- خط لکڻ جي شروعات "بسم الله" سان ڪئي ويندي آهي.
2- پنهنجي ائڊريس خط جي ساڄي پاسي لکڻ گهرجي.

www.perfect24u.com

3- جنهن ڏانهن خط لکيو آهي، ان جي مخاطب ٽيڻ واري پاڳي کي 'سرو' چئبو آهي.

4- خط جي جنهن پاڳي ۾ حال احوال ڏبو آهي، ان کي عبارت چئبو آهي.

(ب) توهان پنهنجي دوست کي خط لکي ڪيس امتحان ۾ پاس ٽيڻ جون مبارڪون ڏيو.

(ج) لفظ ناهيو، جيئن: لکڻ مان لکيو.

سکڻ مان .....

پڙهڻ مان .....

هلڻ مان .....

چوڻ مان .....

اچڻ مان .....

وڃڻ مان .....

(د) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

مِهر – پيرو – سٽاءُ – پاڙا – ڳڻتي – طويل – ٽورائتو.

(هـ) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

نئون		پڪيون	
ڪاميابيون		شهر	
قديم		خراب	

www.perfect24u.com

بين الاقوامي عدالت

جڏهن ٻن ماڻهن يا جماعتن جي وچ ۾ ڪنهن ڳالهه تان تڪرار ٿي پوندو آهي، تڏهن انهن جي آڏو، انهيءَ تڪرار جي نبيري جا ٻه رستا هوندا آهن: هڪڙو ڏاڍ ۽ ويڑهه جو ۽ ٻيو انصاف ۽ صلح جو. ساڳيءَ ريت ٻن ملڪن يا ملڪن جي جماعتن جا تڪرار ٻه جنگ يا امن ذريعي نبيريا ويندا آهن؛ پر جيئن ته ويڑهه ۽ جنگ ۾ نه رڳو جان ۽ مال جو تمام گهڻو نقصان ٿيندو آهي ۽ فيصلو ٻه انصاف جي بنياد تي نه، پر طاقت جي بنياد تي ٿيندو آهي. انڪري سُڌريل ماڻهو ۽ ملڪ عام طرح انهيءَ رستي کان پاسو ڪندا آهن ۽ ڪوشش ڪندا آهن، ته نبيرو انصاف ۽ امن جي بنياد تي ٿئي.

انصاف ۽ امن واري نبيري لاءِ ڏُريون يا ته پاڻ ۾ ڳالهائيندڙيون آهن يا ڪنهن ٻيءَ ڏُر کي وچ ۾ وجهندڙيون آهن. ٻيءَ حالت ۾ وڃي عدالت جو در کڙڪائيندڙيون آهن.

فردن ۽ جماعتن جي تڪرارن جو نبيرو ته ان ملڪ جون عدالتون ڪندڙيون آهن، جتي اهي فرد ۽ جماعتون رهندڙ هوندڙيون آهن؛ پر ملڪ جا پاڻ ۾ تڪرار هڪ عالمي عدالت نبيريندڙي آهي، جنهن کي "انصاف جي بين الاقوامي عدالت" سڏجي ٿو. هيءَ عدالت، گڏيل قومن واري اداري طرفان "بين الاقوامي انصاف جي دائمي عدالت" جي جاءِ تي قائم ڪيل آهي.

دائمي عدالت قومن جي انجمن طرفان 1921ع ۾ برپا

www.perfect24u.com

ڪئي وئي. ٻيءَ عالمي جنگ کان پوءِ "قومن جي انجمن" کي ٽوڙي "گڏيل قومن جو ادارو" ناهيو ويو. تڏهن دائمي عدالت کي ختم ڪري بين الاقوامي عدالت جوڙي ويئي. انهيءَ عدالت جو پهريون اجلاس اپريل ۽ مئي 1946ع ۾ ٿيو.

هن عدالت ۾ پندرهن جج آهن. جن کي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۽ سلامتي ڪائونسل نون ورهين جي عرصي لاءِ چونڊيندي آهي. جيڪا جاءِ ڪنهن جج جي گذاري وڃڻ يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري خالي ٿيندي آهي، سا ان جج جي رهيل مدي لاءِ پري ويندي آهي. جن ججن جي ايامڪاريءَ جو مدو پورو ٿي ويندو آهي، سي ٻيهر چونڊجي سگهجن ٿا.

هن ڪورٽ جو صدر مقام هالينڊ جي شهر هيگ ۾ آهي؛ پر ڪورٽ چاهي تہ ڪٿي بہ اجلاس ڪري سگهي ٿي. ڪورٽ جي دستور هيٺ ان کي عدالتي موڪلن وارا ڏينهن ڇڏي، باقي سڄو سال ڪُليل رهڻو آهي. پنهنجي ڪم ڪار ۾ اها بلڪل خود مختيار آهي. اُن جا جج پاڻ منجهان ڪن بہ بن ڄڻن کي عدالت جو صدر ۽ نائب صدر ڪري چونڊيندا آهن. رجسٽرار، ٻيا عملدار ۽ هينيون عملو بہ هو پاڻ مقرر ڪندا آهن. صدر ۽ رجسٽرار کي هيگ ۾ رهڻو پوندو آهي.

هيءَ ڪورٽ گڏيل قومن واري اداري جي فقط اهڙن ميمبرن ملڪن جا ڪيس ٻڌندي آهي، جن ان جي دستور کي قبول ڪيو هوندو. جيڪي ملڪ گڏيل قومن جا ميمبر نہ آهن، پر هن عدالت جي دستور کي قبول ڪن ٿا ۽ ان جي فيصلن

www.perfect24u.com

سان بَدل رهڻ جو اقرار ڪن ٿا، سي پڻ پنهنجا تڪرارَ ان ڪان نبيرائي سگهن ٿا.

ڪورٽن جي فيصلي جي پوئواري نہ ٿئي تہ انهن جو هجڻ، نہ هجڻ برابر آهي. قومي ڪورٽون جيئن تہ خود مُلڪي حڪومت جو اهم حصو هونديون آهن، انڪري اُهي پنهنجي فيصلن جي پوئواري ڪرائڻ جو اختيار رکن ٿيون؛ پر بين الاقوامي عدالت ڪنهن حڪومت جو حصو نہ آهي، انڪري ان کي پنهنجن فيصلن جي پوئواري ڪرائڻ جي ڪا طاقت نہ آهي. اها هر ميمبر ملڪ جي اخلاقي جوابداري آهي تہ اهو انهيءَ عدالت جي فيصلن سان بَدل رهي.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- بين الاقوامي عدالت ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪندي آهي؟
2- ڪهڙا ملڪ بين الاقوامي عدالت کان پنهنجا تڪرار نبيرائي سگهن ٿا؟
3- بين الاقوامي عدالت جي ججن جي چونڊ ڪهڙيءَ ريت ٿيندي آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ويڑهه – تڪرار – نبيرو – دائمي – جوڙي – مُدي.

www.perfect24u.com

(ج) هيٺ ڏنل لفظن مان هرهڪ جون ٽي معنائون ڏنل آهن، اوهان درست معنيٰ تي (✓) جو نشان هڻو:

1- جنگ لفظ جي معنيٰ آهي
(محبت – لڙائي – صلح)

2- نقصان لفظ جي معنيٰ آهي
(نفعو – ٽوٽو – ڏنڊ)

3- سڃو لفظ جي معنيٰ آهي
(اڌورو – اڻ پورو – ثابت)

(د) هينئين لفظن آڏو انهن جا ضد لکو:

تڪرار		شهر	
جنگ		سڃو	
نقصان		ڪُليل	
خالي		مُلڪي	

(هـ) اهڙا حرف جيڪي ٻن لفظن يا جملن کي ڳنڍيين ٿا، تن کي حرف جملو چئبو آهي، جيئن: ته، پر، يا، ۽ وغيره، توهين اهي حرف پنهنجي جملن ۾ ڪم آڻيو.

www.perfect24u.com

اجـــرڪ

اجرڪ سنڌ جي ثقافت جي سُجاڻ ۽ سوڪڙي آهي. آثارن ۽ اُهجاڻن مان معلوم ٿئي ٿو، ته سنڌ ۾ اجرڪ جي تياري ۽ استعمال قديم زماني کان هلندو پيو اچي. موهن جي دڙي مان پروهت جي جيڪا مورتي ملي آهي، انهيءَ کي هڪ چادر اوڍيل آهي. انهيءَ چادر اوڍڻ جو ڍنگ ۽ ڊزائين به هاڻوڪي ڪکر واري اجرڪ سان ملندڙ آهي.

عربن اجرڪ کي "ازرق" جي نالي سان سڏيو آهي. ازرق جي معنيٰ آهي نيرو رنگ. اجرڪ جي تَر ۾ نيرو رنگ زياده استعمال ٿيندو آهي. اهو به چيو وڃي ٿو ته ٻنهي جهانن جا سردار حضرت مُحمد صلَّي الله عليه وآلهٖ وسلَّم جن جيڪا چادر اوڍيندا هئا، اها اجرڪ هئي.

اجرڪ جي تياري ۽ چُرائي سنڌ جو خاص هُنر آهي. ان جي تياريءَ ۾ وڏي محنت ۽ مهارت جي ضرورت آهي. ان جو اندازو انهيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو، ته اجرڪ ڇوڏهن مختلف مرحلن مان گذري مڪمل ٿئي ٿي. اجرڪ جي چُر جا وري پنج مرحلا آهن. هر هڪ مرحلي ۾ مختلف پُور يا نپا لڳندا آهن ۽ اجرڪ جي مڪمل ٿيڻ تائين اٽڪل پنجويهه سَو ڀيرا پُور لڳن ٿا. انهيءَ کان سواءِ اجرڪ جي تياريءَ ۾ اٽڪل سورهن مصالحا استعمال ٿين ٿا. ڊزائين ۽ رنگ جي لحاظ کان اجرڪ جا قسم

www.perfect24u.com

ڏهن کان مٿي آهن ۽ انهن جا نالا ٻہ الڳ الڳ آهن. اجرڪ گھٽو ڪري لاڙ وارن شهرن ۾ ٺهي ٿي. جهڙوڪ: نصرپور، ٽنڈو محمد خان، ڪيبر، سيڪات، مٽياري، هالا، پٽ شاهه، ماتلي، اُتر واري حصي ۾ سکر ۾ اجرڪ ٺهي ٿي. اڳي ٽڪڙ ۽ مانجهند ۾ ٻہ اجرڪ ٺهندي هئي، پر اهي مرڪز ڪڏهوڪو بند ٿي ويا آهن.

رنگن جي لحاظ کان اجرڪ جا گھٽو ڪري چار رنگ ٿيندا آهن: اڇو، ڪارو، ڳاڙهو ۽ نيرو. ڳاڙهو رنگ ڪڏهن هلڪو هوندو آهي، ڪڏهن ڳُوڙهو، ته ڪڏهن وري ڳاڙهو- ناسي ٿي ويندو آهي. اجرڪ جي زمين يا تر جو رنگ ڳاڙهو يا نيرو هوندو آهي، ليڪا ۽ ڇٽ- ڪارا هوندا آهن ته ڦلڙيون وري اڇيون هوندیون آهن.

اجرڪ لاءِ هرڪ يا پاپلين جو ڪپڙو استعمال ٿيندو آهي. موجوده دور ۾ اجرڪ مان ٽايون، شرٽون، اسڪرٽ، پڙا، زنانا چولا ۽ سلوارون ٻہ ٺاهيون وڃن ٿيون. انهيءَ کان سواءِ درن ۽ درين جا پردا، ڪُشن ڪور، ميز پوش ٻہ اجرڪ مان ٺاهجن ٿا. اجرڪ جي مقبوليت جو اندازو ان مان ٻہ لڳائي سگهجي ٿو، ته ڪپڙي جي ڪارخانن ۾ ٻہ اجرڪ جي ڊزائين تي پورا تاڪيا تيار ڪيا وڃن ٿا. انهن ۾ ريشمي ۽ سنهو ڪپڙو ٻہ اڇي وڃي ٿو، پر جيڪا سونهن اصل اجرڪ ۾ آهي، اُها نقلي اجرڪ ۾ ڪٿي!

اجرڪ ننڍا توڙي وڏا، عورتون توڙي مرد پهرين ٿا. اجرڪ هر موسم ۾ پهري سگهجي ٿي. اها اونهاري ۾ ٺڈي ۽ سياري ۾ گرم محسوس ٿيندي آهي.

www.perfect24u.com

اجرڪ سنڌ جي ثقافت جي هڪ اهم علامت آهي. اجرڪ جيئن مختلف مرحلن مان گذري ٿي، بلڪل ائين ئي زندگيءَ جي مختلف مرحلن ۾ اجرڪ جو استعمال ٿئي ٿو. عام زندگيءَ ۾ ته اجرڪ جو استعمال آهي ئي آهي، پر خاص موقعن تي پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو سهڻي ۾ سهڻو اظهار اجرڪ کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه ڪونهي! جيڪڏهن ڪنهن مهمان کي مانُ ڏيڻو هوندو آهي، ته ان کي اجرڪ اوڍائي ويندي آهي. اسان جي زندگيءَ ۾ اجرڪ جي عمل دخل جو اندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو، ته پنهنجي پياري دوست يا عزيز جي مرڻ کان پوءِ ان جي ميت تي به اجرڪ وڌي ويندي آهي.

اجرڪ نه رڳو سنڌ ۽ پاڪستان ۾ مقبول آهي، بلڪ ان جي مقبوليت سنڌ ۽ پاڪستان جون سرحدون ٽپي ڏيساور ۾ به پهچي چڪي آهي. ڏيساور جي دوستن کي ڏيڻ لاءِ اجرڪ کان وڌيڪ بهتر ٻي ڪابه سوڪڙي نه آهي.

(ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي)

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- سنڌ جي ثقافت جي اهم سوڪڙي ڪهڙي آهي؟
2- اجرڪ کي عربن ۾ ڪهڙي نالي سان سڏيو ويندو آهي؟
3- اجرڪ ڪيترن مختلف مرحلن مان گذري مڪمل ٿئي ٿي؟
4- ڊزائين ۽ رنگ جي لحاظ کان اجرڪ جا گهٽا قسم آهن؟
5- اجرڪ سنڌ جي ڪهڙن شهرن ۾ نهي ٿي؟
6- اجرڪ جا ڪهڙا چار رنگ ٿيندا آهن؟

www.perfect24u.com

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:
سُجاڻ – سوڪڙي – اهجاڻ – ڏنگ – مانُ – ڏيساور.

(ج) هيٺين لفظن جا واحد ۽ جمع لکو:
اجرڪ- مورتيون- چادر- علامتون- هلڪا- ڪپڑو- سنها- ڳاڙهو.

(د) هن سبق ۾ چئن رنگن جا نالا ڏنا ويا آهن، توهين انهن کان سواءِ ٻين رنگن جا نالا لکو.

(هـ) هن سبق ۾ سنڌ جي ڪجهه شهرن جا نالا ڏنا ويا آهن، توهين انهن کان سواءِ سنڌ جي ٻين ڪن ٻه پنجن شهرن جا نالا لکو.

(و) هن سبق ۾ ٻن موسمن "اونهاري" ۽ "سياري" جا نالا آيا آهن، توهين ٻين موسمن جا نالا لکو.

(ز) ضمير اهو لفظ آهي، جيڪو اسم بدران ڪم اچي ٿو، جيئن "آءٌ" "تون" "هو" وغيره. توهين انهن لفظن کي پنهنجي جملن ۾ ڪم آڻيو.

www.perfect24u.com

ميرن جي دربار

سنڌ ۾ جڏهن ميرن جي حڪومت هئي، تڏهن مير مراد علي خان علاج لاءِ سن 1827ع ۾ ميرن کي مان هڪ انگريز عملدار ڊاڪٽر جيمس برنس، کي گهرايو هو. هن پنهنجي سفرنامي ۾ ميرن جي دربار جي سُونهن ۽ نزاڪت جي تعريف ڪئي آهي. هُو لکي ٿو:

"تاريخ 20 نومبر تي آءٌ حيدرآباد پهتس، شهر مان لنگهندي مون کي ڏاڍو چهڪٽو نظر آيو. هَشام ماڻهن جا منهنجي اچڻ جو ٻڌي، مون کي ڏسڻ لاءِ ميڙ ڪري آيا. سيئي منهنجي ڏولي ۽ جي چوڌاري ٽي ٻينا. مرد ته ڇڏيو پر مايون ۽ مون کي ويڑهي ويون. ميرن جي سپاهين ماڻهن کي پوئتي هٽائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر انهن کي يورپي صاحب لوڪ جي مُنهن ڏسڻ تي ايڏي ته دل هئي، جو سپاهين جا ڏڪ سَنائون، پر پُنتي نه هٽيا. آخر جڏهن مان قلعي جي دروازي وٽ آيس، تڏهن مون کي ميرن جي ڪچهريءَ ڏانهن نِيائون.

قلعي ۾ گوڙ ڪونه هو، سانت لڳي پئي هئي. اڳا سنهڙيون گِهٽيون لتاڙي رهيس، ته يڪدم هڪ وڏو اگڻ اڳيان آيو؛ جتي ڪيترائي سنڌي ماڻهو خوش پوشاڪ وينا هئا. پٽين تي ڪمانگري چِٽ هئا. پَٽ تي قسمين قسمين غاليچا ۽ فرش فروش وڇايا پيا هئا.

اگڻ جي هڪ پاسي وڏن مرغولن سان ٽي دروازا هئا.

www.perfect24u.com

جن جي اڳيان سائي ماهوت جا پردا ٽنگيل هئا. انهن مان هڪ دروازي وٽ مون کي ميرن جو وزير ۽ هڪ ٻيو عملدار وٺي ويا. اڃا مون هيڏانهن هوڏانهن پئي نهاريو، تہ اوچتو ميرن جي خدمتگار اچي منهنجو بوٽ لاٿو ۽ پوءِ مون کي ميرن جي منجين وٽ وٺي هليا. اتي ڏاڍو عجيب نماءُ ڏسڻ ۾ آيو، جو مون کان ڪڏهن بہ نہ وسرندو. ننڍي هوندي مون الف ليليٰ ۽ ٻين ڪتابن ۾ بادشاهن ۽ حاڪمن جي ڪچهرين جي تجمل ۽ ڏيک جا گهڻا بيان پڙهيا هئا، پر هينئر جو مون پنهنجي اکين سان ايڏي جلويدار ۽ شان شوڪت واري ڪچهري ڏٺي، سو ڏاڍو خوش ٿيس. ڇا ڏسان تہ انهيءَ ڪمري ۾ ڏاڍا اُڇا ۽ قيمتي ايراني غاليچا وڇايا پيا آهن. هڪڙي پاسي ڪيترا شڪيل ۽ اُڇيون پوشاڪون پهريل مير بيٺل آهن ۽ انهن جي وچ ۾ بہ مڪيہ ميرن، ميرن ڪرم علي خان ۽ ميرن مراد علي خان، جن تي حڪومت جي پڳ هئي، گاديءَ تي چڙهيا وينا آهن. گاديءَ تي پَٽ ۽ زريءَ جو ڪم ٿيل هو ۽ ان جي چئني ڪُنڊن تي سونا جهاڀا ٻڌل هئا. گاديءَ هيٺان هڪ وڏو سوسني بخمل جو گول وهاڻو رکيل هو، جنهن تي ڪُنديءَ جي پرت جا سونهري گل هئا. انهن ٻنهي ميرن جي پاسن کان سندن عزيز خويش ويٺل هئا، جهڙوڪ: ميرن صوبدار خان، ميرن محمد خان ۽ ميرن مراد علي خان جا پُٽ ميرن نصير خان ۽ ميرن نورمحمد خان. انهن کان ٿورو پرپرو سندن مامو ميرن محمد خان ۽ ان جا پُٽ وينا هئا.

www.perfect24u.com

سيني ميرن جي پنيان خدمتگار، جن کي تراريون ۽ ڏالون هيون، سي چگيون پوشاڪون پهريون بينا هئا. هر جاءِ صفائيءَ ۽ سنائيءَ ۾ بي مثال هئي. مان پائيندو هوس ته هندستان جا ڏيهي راجائون، نواب، امير امراءَ ۽ سندن عهديدار ۽ خدمتگار پيڪيدار ۽ جرڪندڙ پوشاڪون، قيمتي هٿيار ۽ ٻيو سامان سڙو گهٽو لڳائيندا آهن، پر کين صفائي ۽ نزاڪت لاءِ گهٽو قدر ڪونهي.

ڪيترن هندو راجائن جي دربار ۾ مون ڏٺو هو ته زري زريفت، سون ۽ جواهر جو ڏيک گهٽو هو، پر منجهن ميرن جي دربار جي صفائيءَ واري ڳالهه ڪانه هئي. ميرن جي دربار جي صفائي سُنائي ايتري هئي جو ڏسي مون کي تعجب وني ويو. جڏهن مان دربار جي صفي ۾ آيس، تڏهن سڀ مير مون کي اُٿي ڪڏيا. مون کي مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان جي پرسان ويهاريائون.

پوءِ مون سان فارسيءَ ۾ گفتگو ڪرڻ لڳا. پهريائين خوش خير عافيت پڇي، منهنجي گهٽي مرحبا ڪيائون، پوءِ مير ڪرم علي خان مون کي چيو ته "توهين اسان جا خاص مهمان آهيو. هر شيءِ توهان لاءِ موجود آهي."

مٿيون سمورو بيان ڏيکاري ٿو ته سنڌ جا حاڪم مير ڪيڏا نه سڌريل، نيڪ خصلت ۽ صفائيءَ ۽ سنائيءَ وارا هئا! جو يورپي عملدار ۽ ٻيا ڏاريا به سندن تعريف ڪرڻ مان نٿا ڏاپن.

www.perfect24u.com

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- ميرن جي درٻار جو ذڪر برنس ڪهڙي ڪتاب ۾ ڪيو آهي؟
2- ميرن جي درٻار جو ٺٽاڻ ڪهڙي قسم جو هو؟
3- ميرن جي پوشاڪ ڪهڙي قسم جي هئي؟
4- ميرن جي اخلاق بابت برنس ڇا لکيو آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

چهچٽو – هَشام – سانت – نماڻ – شڪيل.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

تعريف		گل	
مرد		پريرو	
آخر		ڏيهي	
گوڙ		مهمان	
اُڇا		ڏاريا	

(د) هيٺئين جملي مان ضمير ڳوليو:

آءٌ آيس، پر تون نہ هئين.

www.perfect24u.com

ڪينجهر ڏينڊ

ڪينجهر لفظ جي معنيٰ آهي ’گهٽائي‘ سنڌيءَ ۾ هڪ اصطلاح آهي ته “ڪينجهر لڳڻ” يعني سرسبز ٿيڻ، آباد ٿيڻ. ’ڪينجهر‘ ۽ ’سونهري‘ هڪٻئي جي پر ۾ ٻه ڏينڊون هوندیون هيون. ڪوٽڙي بئراج نهڻ کان پوءِ ڪلري بگهاڙ واهه، وهي اچي ڪينجهر ۾ پوندو آهي، اِنڪري ٻئي ڏينڊون ملي هڪ ٿي ويون آهن. هاڻي رڳو ڪينجهر جو نالو آهي. سونهريءَ جو ڪوبه نالو نشان ڪونهي.

ڪينجهر ۽ سونهريءَ جي نالن بابت هڪ مڪاني روايت آهي، ته ڪينجهر هڪ مُهاڻو هو ۽ سونل سندس زال هئي. انهن ڏينڊن تي اهي نالا ٻه اُنهن تان پيا آهن. اها ٻه مڪاني روايت آهي ته ميربحرن جو گندرا قبيلو ڪينجهر ۽ سونل جي اولاد آهي.

ڪينجهر هڪ پراڻي ۽ تاريخي ڏينڊ آهي. سنڌ جي رومانوي داستان نوري جام تماچيءَ جو تعلق ٻه هن ڏينڊ سان آهي. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ ٻه انهيءَ داستان جي حوالي سان ’سُر ڪاموڏ‘ ۾ ڪينجهر ڏينڊ جو ذڪر ڪيو آهي.

ڪينجهر ڏينڊ نه رڳو تاريخي مڪان طور هڪ يادگار آهي؛ پر سنڌ جي معاشي، سماجي ۽ ثقافتي سطح تي ٻه ان جي هڪ خاص اهميت آهي. معاشي لحاظ کان ڪينجهر ماڻهن لاءِ

www.perfect24u.com

روزگار جو هڪ مڪيہ وسيلو آهي. ساڳئي وقت ڪينجهر جي خوبصورتي ڪيترن ڏيهي ۽ پرڏيهي سياحن کي پاڻ ڇڪيندي آهي! نہ رڳو نوري ۽ جام تماچيءَ جي داستان جي حوالي سان، پر ڪينجهر پنهنجي سُونهن جي ڪري بہ ڪلاسيڪل توڙي جديد ساهت جو موضوع رهي آهي.

ڪينجهر جي چوڌاري اڳي وڏيون وڏيون وسنديون ۽ ڳوٺ آباد هئا. جن مان ڪي پاڻيءَ هيٺ اچي ويا. هن وقت جهمپير، هيلايا، چليا ۽ ٻيون وڏيون وسنديون موجود آهن.

ڪينجهر هڪ بهترين تفريح گاهہ آهي. تفريح خاطر ايندڙ ماڻهن لاءِ ٻيڙين ۽ لانچن جو بندوبست ڪيل آهي. انهن جي رهائش لاءِ سرڪاري طرح پڪا گهر بہ نهرايا ويا آهن. جيڪي مناسب مسواڙ تي ڏنا ويندا آهن. ترڻ، ٻيڙين تي سير ڪرڻ، مڇين جي شڪار جي وندر هت گهٽي آهي. ڪينجهر ڏنڊ مان ساليانو لکين روپين جي مڇي ڦاسائي وڃي ٿي. هتي ٻُوراني، ٻهہ پَٻُڙ، ڪُمر، لوڙهہ بہ جام ٿين ٿا.

روزانو سون جي تعداد ۾ ماڻهو پنهنجي ٻارن ٻچن سميت ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن کان ڪينجهر تي گهمڻ ايندا آهن. ڪينجهر جي ويجهو جهمپير ۽ امير پير جون درگاهون آهن. نوريءَ جي مرشد، هوندڙي شاهہ جي قبر، ڪينجهر ڏنڊ جي وچ ۾ هڪ ٽڪريءَ تي آهي. هن بزرگ جي پيراندي ۾ سنڌ جي راڻي نوريءَ جي قبر آهي. ڪينجهر ڏنڊ تي گهمڻ لاءِ ايندڙ ماڻهو هوندڙي شاهہ ۽ نوريءَ جي قبر تي حاضري ضرور ڀرندا آهن.

www.perfect24u.com

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- ڪينجهر لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟
2- ڪينجهر جي ڏنڊي تي اهو نالو ڪيئن پيو؟
3- "ڪينجهر لڳڻ" اصطلاح جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟
4- حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪينجهر جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟
5- نوريءَ جي قبر ڪٿي آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

داستان- مڪيه- وسيلو- ڏيهي- پرڏيهي- ساهت- وندر.

(ج) هيٺيان خال پريو:

1- ڪينجهر هڪ پراڻي ۽ تاريخي ..... آهي.
2- ڪينجهر جي چوڌاري اڳي وڏيون وسنديون ۽ ..... آباد هئا.
3- ڪينجهر هڪ بهترين ..... آهي.
4- هتي ..... ۾، ٻيٽ، ڪُن، لوڙهه ۽ جام ٿين ٿا.

(د) 'تفريح گاهه' لفظ، تفريح جي ٻنيان گاهه، ڀچاڙي ملايو ناهيو ويو آهي: "گاهه" ڀچاڙي ملائي اهڙا ٻيا لفظ ناهيو.

(هه) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

پراڻي- آباد- پرڏيهي- پڪا- گهٽي- پيراندي.

www.perfect24u.com

سنڌي ادب جي مختصر تاريخ

سنڌي زبان تمام قديم زبان آهي. آثارن ۽ اهجاڻن مان معلوم ٿئي ٿو تہ آڳاٽي زماني کان ئي سنڌي زبان ۾ علم ادب موجود هو. عربن جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو تہ عربن جي حڪومت جي دور ۾ قرآن شريف جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿيو هو. عربن کان پوءِ سومرن جو دور اٽڪل 1050ع کان شروع ٿيو. هن دَور جو گهڻو شعر نہ مليو آهي؛ پر جيڪي ڪجهہ مليو آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت سنڌي شاعري اوج تي هئي. جنهن ۾ هر قسم جو مضمون بيان ٿيندو هو. روحانيت ۽ اخلاقيات جا سبق بہ شاعريءَ ذريعي ڏنا ويا هئا. مشهور رومانوي داستانن سسئي پنهون، عمر مارئي وغيره تي بيت بہ چيا ويا هئا، تہ سنڌ جي سورمن جي سورهيائيءَ جو ذڪر بہ بيتن ۾ ڪيو ويو.

سومرن کان پوءِ سمن جو دَور شروع ٿيو. هن زماني جو سنڌي شعر بہ ملي ٿو. هن دَور جي ڪيترن ئي سنڌي شاعرن جا نالا ملن ٿا. هن دَور جو اهم شاعر قاضي قادن هو، جيڪو سنڌي زبان جو تمام وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس هڪ سَوَ کان وڌيڪ بيت مليا آهن، جن ۾ تصوف ۽ وحدانيت جون ڳالهيون بيان ٿيل آهن.

سمن کان پوءِ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن سنڌ تي حڪومت ڪئي. هن دَور ۾ اسان کي سنڌي زبان جي ڪيترن

www.perfect24u.com

ئي شاعرن جا نالا ملن ٿا. جن مان شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو به هڪ وڏو شاعر آهي. سن 1700ع ۾ ڏٺي جي عالم مخدوم ابوالحسن، سنڌي رسم الخط کي باقاعدي صورت ڏني ۽ "مقدمة الصلواة" نالي ڪتاب نظم ۾لکيو. بعد ۾ ٻين به ڪيترن ئي عالمن ڪيترائي مذهبي ڪتاب نظم ۾ لکيا. 1701ع کان اُتر سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت شروع ٿي. هي دَور سنڌي زبان ۾ علم ادب جو سونهري دَور سڏجي ٿو. هن دَور ۾ اسان کي سنڌي زبان جو عظيم تر شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي (وفات 14 صفر 1165هه بمطابق 1752ع) ملي ٿو. جنهن جي شعر ۾ فڪر ۽ خيال جي گهرائي ۽ وسعت به آهي، تہ فن ۽ زبان جون خوبيون به آهن. شاهه صاحب کان سواءِ هن دَور ۾ ٻيا به ڪيترائي سنڌي شاعر ٿي گذريا آهن.

ڪلهوڙن جي حڪومت بعد، سن 1782ع کان ٽالپرن جو دَور شروع ٿئي ٿو. هن دَور جو عظيم شاعر سچل سرمست آهي. جنهن سنڌي زبان کان سواءِ فارسي، اردو، هندي، سرائڪي ۽ ٻين زبانن ۾ به شعر چيو آهي. رندي ۽ بيباڪي، مستي ۽ ڪيف، دلڪشي ۽ اثر انگيزي سندس ڪلام جون خوبيون آهن. هن دَور جو ٻيو وڏو شاعر سيد ثابت علي شاهه (وفات 1810ع) آهي؛ جنهن پهريون پيرو سنڌي زبان ۾ مرثيي جو رواج وڌو. هن دَور ۾ ٻيا به ڪيترائي شاعر ملن ٿا؛ جن ۾ خليفو نبي بخش لغاري، حمل فقير لغاري، سامي، فتح فقير سومري جا نالا اهم آهن.

سن 1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي. هن دَور ۾

www.perfect24u.com

موجوده الف – ب نهي ۾ سنڌيءَ ۾ تعليم عام ٿي ۽ شاعريءَ ترقي ڪئي. ان سان گڏ نثر ۾ به بيشمار ڪتاب لکيا ويا. نوان لاڙا سنڌي ادب ۾ جاءِ ونندا ويا ۽ ان ۾ وسعت جو سبب بڻيا. هن دَور جو عظيم شاعر قادر بخش بيدل (وفات 1872ع) آهي. جنهن جي شعر ۾ تصوف جي اُپٽار ۽ سچل سرمست واري بيباڪي ۽ فڪر جي بلندي آهي. ان کان سواءِ بين به ڪيترن شاعرن هن نموني جو شعر چيو؛ هن دَور ۾ غزل جا بلند پايه شاعر پيدا ٿيا. جن غزل ۾ حسن ۽ عشق جي بيان سان گڏ تصوف، اخلاقيات، معاشي ۽ معاشرتي حالتن جو ذڪر به آندو. انهن شاعرن مان خليفو گل محمد، فاضل شاهه، آخوند محمد قاسم، غلام محمد شاهه گدا، مير عبدالحسين سانگي، حافظ حامد، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ميان علي محمد قادري، حاجي محمود خادم، مير علي نواز ناز ۽ مسرور فقير جا نالا قابلِ ذڪر آهن. غزل کان سواءِ مثنوي، مسدس، رباعي ۽ شعر جي ڪن ٻين صنفن تي به طبع آزمائي ڪئي ويئي.

هن دَور ۾ اصلاحي شاعريءَ جو رواج به پيو، شاعريءَ ذريعي مسلمانن کي سجاڳيءَ جو پيغام ڏنو ويو. ان سلسلي ۾ الله بخش ابوجهو، شمس الدين بلبل، فتح محمد سيوهاڻي، محمد هاشم مخلص، غلام احمد نظامي ۽ ٻين شاعرن جا نالا ملن ٿا. اڳتي هلي نثر ۾ تمام گهڻي ترقي ٿي. ڪيترائي ناول ڇپيا. ڊراما، افسانن ۽ مضمونن جا مجموعا شايع ٿيا. تنقيدي ۽ تاريخي مضمون ۽ ڪتاب به لکيا ويا. ڪيتريون ئي اخبارون ۽ رسالا نڪرڻ شروع ٿي ويا، جن سنڌي علم ادب جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو.

www.perfect24u.com

نثر نويسن آڏو هڪ مقصد هوندو هو. شروع ۾ هنن سماج جي اصلاح جو مقصد آڏو رکي لکڻ شروع ڪيو. هنن ڪيترائي ناول ۽ ڊراما ٻين زبانن مان ترجمو ڪيا. ان دَور جي ليکڪن مان منشي اُڌارام ثانورداس، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙومل، لالچند امرڏنومل، پيرومل مهرچند ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ سياسي سجاڳيءَ جي لهر آئي ۽ آزاديءَ جي هلچل زور وٺي وئي. انهيءَ ڪري سنڌي ليکڪن سماج جي اصلاح سان گڏ سياسي مقصد ۽ آزاديءَ جي هلچل ۾ پنهنجي سامهون رکي. انهن ليکڪن مان علامہ آءِ.آءِ قاضي، ڊاڪٽر دائودپوٽو، علي خان ابڙو، ڇينمل پرسرام، ڪشنچند بيوس، پرمانند ميوارام، ليکراج ڪشنچند عزيز، محمد صديق مسافر، عبدالخالق خليق مورائي، محمد بخش واصف، ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، حافظ عبدالله بسمل، عثمان علي انصاري، مولانا دين محمد وفائي ۽ پير علي محمد راشديءَ جا نالا ذڪر لائق آهن.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- عربن جي دَور ۾ سنڌي ادب جا ڪهڙا اهجاڻ ملن ٿا؟
2- سومرن جي دَرو جون سنڌي ادب بابت ڪهڙيون ڳالهيون معلوم ٿيون آهن؟
3- ڪلهوڙن جي دَور کي سنڌي ادب جو سونهري دَور چو ٿو سڏيو وڃي؟

www.perfect24u.com

4- تالپرن جي دَور ۾ کھڙا مشهور شاعر ٿي گذريا آهن؟
5- ثابت علي شاهه کھڙي قسم جو شعر چيو آهي؟
6- انگريزن جي اوائلي دَور ۾ کھڙا ليکڪ ٿي گذريا آهن؟
7 اوائلي سنڌي نثر نويس کھڙا ٿي گذريا آهن؟

(ب) ڳالهائيندڙ بدران جيڪو ضمير ڪم اچي ٿو، اُن کي "ضمير متڪلم" چئبو آهي. هينئين جملن مان ضمير متڪلم ڳوليو:

(1) آءٌ ايندس (2) مان ويندس (3) اسين پڙهنداسين.

www.perfect24u.com

رَڏ پَچاءُ

چوڪرين کي جتي ٻين هُنرن سيکارڻ جي ضرورت آهي؟ اُتي اها ٻ لازمي ڳالهه آهي ت کين رڏ پچاءُ ٻ سيکاريو وڃي. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ت چوڪرين کي عملدا ۽ عاليشان ڪاڏا رڏڻ اچن، پر سڀني رڏ پچاءُ ڪرڻ واري سڀني چوڪري اُها آهي، جنهن ۾ هي ٽي خاصيتون هجن: صفائي، سنيال ۽ وقت جي پابندي.

ڪاڏي ڪان پهريائين ضروري ڳالهه صفائي آهي. جيڪڏهن رڏڻو گندو هوندو ۽ ڪاڏي جا ڏانوَ ميرا هوندا، ت ڪاڏي ڪائڻ واري کي ڪراهت ايندي.

رڏڻو هميشه ٻُهاريل اڇو اُجرو هجي. تنهن ڪان پوءِ اهو ٻ ڏيان رکجي، ت رڏڻي کي مهيني ۾ ڪان پوءِ ليپو ضرور ڏجي. رڏ پچاءُ ۽ ڪاڏي پيتي جي ڏانوَن کي چار سان ملي صاف ڪجي. چار ۾ سڻي يا ميراڻ جذب ٿي وڃن ٿا. پوءِ صاف پاڻيءَ سان انهن کي ڏوئي، خشڪ ڪري صاف ڪپڙي سان اُگهڻ گهرجي. ان لاءِ گدلو يا ميرو ڪپڙو پلجي ٻ استعمال نه ڪجي، نه ت ڏانوَن ملڻ ۽ ڏوئڻ جي محنت اجائي ٿي ويندي ۽ انهن تي وري ميراڻ لڳي ويندي.

رڏ پچاءَ ۽ ڪاڏي کارائڻ وقت ڏانوَن کي ٻيهر صاف ڪپڙي سان اگهڻ گهرجي ۽ هٿن کي ٻ ڏوئڻ گهرجي، ڇو جو مٿي ۽ ڏوڙ ڏانوَن ۽ هٿن تي لڳندي رهي ٿي، جنهن کي ڪاڏي جي شين ۾ ملڻ نه ڏجي. صاف ڪرڻ واريون شيون جهڙوڪ:

www.perfect24u.com

ڪپڙو وغيره جيڪي هر روز ڪم ۾ اچن، انهن کي روزانو صابڻ سان ڌوئي سُڪائڻ ضروري آهي.

ساڳيءَ طرح اُهي ٽانوَ، جيڪي رڌ پچاءُ ۾ ڪاڌي پيتي جي استعمال ۾ اچن ٿا، تن کي ڪم پوري ٽيڻ تي صاف ڪرڻ بهتر آهي. اهو ڪم گهڻي وقت لاءِ ٽاري ڇڏڻ نه گهرجي. ائين ڪرڻ سان ٽانوَن جي قلعي يا چمڪ گهٽو وقت جٽاءُ ڪري ٽي ۾ انهن جي صفائي ۾ رونق هر وقت قائم رهي ٽي. رڌ پچاءُ تي ويهڻ وقت جنهن جنهن شيءِ جي ضرورت هجي، اها اڳواٽ پاڻ وٽ رکڻ گهرجي. ائين نه ٿئي جو پُجڻيءَ وقت مصالحي کڻڻ لاءِ ڊوڙو. پاڻيءَ جي ضرورت پوي، ته اُٿي لوٽو پريو ۾ باهه گهٽ ڪرڻي هجي ته چمٽو ڳوليو.

سُڻي رڌ پچاءُ لاءِ ٽين ضروري ڳالهه آهي؛ وقت جي پابندي. وقت جو گهڻو خيال رکڻ گهرجي. ڪاڌو هميشه وقت تي تيار ڪرڻ گهرجي. ائين نه ته ٻار اسڪول لاءِ تيار آهن ۾ مانيءَ لاءِ اٽو ڳوهيل ئي ڪونهي يا ٻار اسڪول مان ٽي موٽي آيا، پر ڳنڍڻ اڃا تيار نه آهي! سيئي ٻار گوڙ ڪري رهيا هجن ۾ توهين گهٻرائجي وجو، ته ڇا ڪجي؟ ڇا نه ڪجي! پهريائين ويچارڻ گهرجي ته اڄ ڪهڙي شيءِ رڌبي ۾ ڪاڌو ڪيڏي مهل تيار ٽي سگهندو. اهڙيءَ ريت وقت جو اندازو ڪري، رڌ پچاءُ تي ويهبو ته ڪڏهن به ڪنهن ڳالهه ۾ اوير ڪانه ٽيندي.

ڪاڌو جيترو گهرجي اوتروئي رڌي اڳيان رکجي. ڪاڌو ٽورو هوندو ته توهان کي پريشان ٽيڻو پوندو. وڌيڪ هوندو ته

www.perfect24u.com

ضايع ٿي ويندو. لوڻ، مرچ ۽ گيهه جو به پورو اندازو هجي. انهن مان کابه شيءِ وڌيڪ يا گهٽ هوندي ته کاڌو بي مزي ٿي ويندو.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- سُڻي رڌ پچاءُ ڪندڙ جون وصفون ٻڌايو؟
2- رڌ پچاءُ ۽ کاڌي پيتي جا ڏانوَ کهڙي ريت صاف ڪرڻ گهرجن؟
3- رڌ پَچاءُ لاءِ وقت جي پابندي ڪيتري ضروري آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

چار – ڳُنڌڻ – ريت – اوير.

(ج) "مار!" ڪيڏو نه طوفان آهي. هن جملي ۾ "مار!" لفظ ڇا جي معنيٰ ٿو ڏيکاري؟

www.perfect24u.com

ٻہ تہ ٻارھن

ارشد ۽ سليم پاڻ ۾ دوست ھئا. اُھي پاڙيسري ۽ ھم ڪلاسي ٻہ ھئا. اسڪول ٻہ ڳڏجي ويندا ھئا ۽ ساڳي بئنچ تي ويھندا ھئا. راند ٻہ ڳڏجي ڪيڏندا ھئا، تہ اسڪول مان مليل گھر جو ڪم ٻہ ڳڏجي ڪندا ھئا. ائين ڳڏ ڪيڏندي، پڙھندي ٻنھي مئٽرڪ پاس ڪئي. ارشد مئٽرڪ پاس ڪري شھر پڙھڻ ھليو ويو ۽ سليم پنھنجي پيءُ سان ٻنيون سنياڻڻ لڳو. ارشد گھڻو ئي چاھيو ٿي تہ سليم ٻہ وڌيڪ پڙھي، پر سليم جي گھرُو حالت ڪيس ان جي اجازت نٿي ڏني. ارشد پڙھي وڌو امتحان پاس ڪري وڏي عھدي تي وڃي پھتو.

نوڪريءَ ۾ بدلي تہ ٿيندي رھندي آھي. سو ارشد ٻہ ملڪ جي مختلف شھرن ۾ بدلي ٿيندو رھيو. ھُو جتي ٻہ رھندو ھو، اتان پنھنجي ننڍپڻ جي دوست کي باقاعدي خط لکندو رھندو ھو. ڪافي عرصي کان سليم وٽان خط اچڻ گھٽجي ويا، پر ارشد پنھنجي دوست کي ڪڏھن ٻہ ڪونہ وساريو. جيتوڻيڪ ھن کي سليم جي خط نہ لکڻ تي ڳڻتي ضرور ھئي! ارشد جي بدلي پنھنجي ئي ضلعي ۾ ٿي. ھُو ڪجھہ ڏينھن بعد پنھنجي ڳوٺ ويو.

ارشد، ڳوٺ ۾ پنھنجي اچڻ جو ڪنھن کي ٻہ اطلاع ڪونہ ڏنو ھو. ھن سوچيو تہ اوچتو ڳوٺ پھچي سليم کي حيران ڪري ڇڏيندو! ھو شام جي وقت ڳوٺ پھتو ھو ۽ سڌو سليم جي ٻنين

www.perfect24u.com

ڏانهن هليو ويو. اُتي ئي هُو ۽ سليم سدائين پاڻ ۾ ملندا هئا ۽ ڪچهري ڪندا هئا. ارشد جيئن ئي اُتي پهتو تہ اُتي ويراني‌ءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪونہ هو. ارشد ڳوٺ جي گهٽين مان ٽيندو، سليم جي گهر ڏانهن وڃڻ لڳو. ڳوٺ جي گهٽين ۾ بہ هن کي اڪيلن رونق نظر نہ آئي. ڳوٺ جي بازار بہ بند هئي. ارشد جڏهن سليم جي گهر پهتو تہ اها گهٽي بہ ويران لڳي پئي هئي. هن جڏهن سليم جي گهر جو در کڙڪايو، تہ پهرين تہ ڪوبہ جواب ڪونہ مليو، پوءِ ڪنهن ڊنل آواز ۾ پڇيو تہ ڪير آهي؟ ارشد هڪدم پنهنجي دوست سليم جو آواز سجاتو. "اڙي يار آءٌ آهيان ارشد." سليم هوريان هوريان ڪري دروازو کوليو ۽ ارشد کي چڪي اندر ڪيو.

ارشد ڏٺو تہ سليم ڏاڍو گهبرايل هو. پوءِ سليم جڏهن ارشد کي ڳوٺ جي بربادي‌ءَ جو احوال ٻڌايو، تہ ارشد کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڏاڙيلن ڳوٺ جو سُک، امن ۽ خوشيون ختم ڪري ڇڏيون هيون. ماڻهن جو چپن تان مُرڪ گم ٿي ويئي هئي. رات تہ رات، پر ڏينهن جو بہ ماڻهو گهرن مان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڊپ محسوس ڪندا هئا.

هاڻي نہ هيون اُهي ڪچهريون نہ اُهي ميلا ملاکڙا، نہ اُهي راندیون روندیون. ڳوناڻا مڪمل طور ڏاڙيلن جي رحم ڪرم تي هئا. ارشد دل ئي دل ۾ پنهنجي ڳوٺ کي مڪمل تباهي‌ءَ ۽ بربادي‌ءَ کان بچائڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هن پڪو ارادو ڪيو،

www.perfect24u.com

تہ هُو هر صورت ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ سک، امن ۽ خوشي واپس آڻيندو ۽ جڏهن هن پنهنجو فيصلو سليم کي ٻڌايو، تہ سليم سندس سات ڏيڻ جو واعدو ڪيو.

ٻئي ڏينهن ارشد ڳوٺ جي ماڻهن سان ان ڏس ۾ هڪ گڏجاڻي ڪئي ۽ انهن کي چيائين تہ "ٻڌيءَ ۽ ايڪي سان، همت ۽ بهادريءَ سان انسان ڏونگر بہ ڏاري سگهي ٿو. اسين بہ هڪ ٻئي جي سات ۽ سهڪار سان ڏاڙيلن جو مقابلو ڪنداسين." ارشد جي ڳالهين نوجوانن ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ڪري ڇڏيو.

انهيءَ سلسلي ۾ ارشد انتظاميا جي اعليٰ عهديدارن جي گڏجاڻي سڏائي ۽ بدامنيءَ جي خاتمي لاءِ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان کان پوءِ انتظاميا ۽ ڳوناڻن جي گڏيل ميٽنگ ڪئي وئي. جنهن ۾ ڏاڙيلن جي خاتمي جي حڪمت عملي جوڙي وئي ۽ ان وقت کان ئي ان تي عمل شروع ٿي ويو. هڪڙي ڏينهن هنن کي ڏاڙيلن جي ڇُرپُر جو پڪو اطلاع مليو ۽ پوليس ۽ هٿياربند ڳوناڻا اوچتو وجي ڏاڙيلن تي ڪڙڪيا. ڏاڍو سخت مقابلو ٿيو.

مقابلي ۾ هڪ ڏاڙيل مري ويو ۽ ٻيا هٿيار ڦٽا ڪري پيش پيا. انهيءَ مقابلي ۾ سليم بہ زخمي ٿي پيو هو. ارشد ان کي ڪٽائي شهر جي اسپتال ۾ داخل ڪرايو. سليم جو ڪافي رت وهي چڪو هو ۽ بيهوش هو. ارشد، سليم کي رت ڏنو ۽ الله تعاليٰ کان پنهنجي دوست جي زندگيءَ جون دعائون گهرڻ لڳو.

www.perfect24u.com

صبح ٹيڻ وارو هو. ٽڏي ٽڏي هِيرَ پئي گُهلِي، پکين جي منڻن آوازن تي سليم جي اک کُلِي پئي ۽ هُن ڏٺو تہ سندس دوست ارشد هن جي سامهون بيٺو مُرڪي رهيو هو.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- سليم وڏيڪ چو نہ پڙهي سگهيو؟
2- ارشد جڏهن گِوٹ پهچي، ٻنين تي پهتو تہ اُتي چا ڏٺائين؟
3- گِوٹ جي تباهي ڏسي ارشد دل ۾ کهڙو فيصلو ڪيو؟
4- سليم ۽ ارشد ڏاڙيلن جو خاتمو ڪيئن آندو؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

گِڻتي – هوريان – ٻَڌي – ڏونگر – سهڪار – هِير.

(ج) هن سبق ۾ ڪجهہ ٻڌا لفظ آيا آهن، جيئن "هوريان هوريان" توهين سبق مان ڪجهہ اهڙا ٻيا ٻِڌا لفظ لکي ڏيکاريو.

(د) هيٺين غلط جملن کي صحيح ڪري لکو:

1- هن ڪتابون پڙهيون.
2- مون آواز سجاتي.
3- سيني ۾ دل ڏڙڪيو.
4- اڄ موسم سٺو آهي.

www.perfect24u.com

نصرپور

نصرپور سنڌ جي جهونن تاريخي، علمي ۽ هنري شهرن مان هڪ آهي. نصرپور مٹياري ضلعي ۾ ٽنڊي الهيار جي اُتر اولهه طرف 6 ميلن جي مفاصلي تي آهي.

نصرپور جي آباد ٿيڻ بابت تاريخدانن جا الڳ الڳ رايا آهن. ڪن جو چوڻ آهي، تہ هيءُ شهر فيروز شاهه تغلق جي هڪ امير نصير ٻڌايو هو ۽ ان جي نالي پٺيان سڏجڻ لڳو. ڪن جو چوڻ آهي تہ هي شهر نصير مُهاڻي ٻڌايو هو.

نصرپور سنڌو درياءَ جي ڪناري آباد هو. انڪري انهيءَ جي زمين ڏاڍي آباد ۽ زرخيز هئي. هيءُ شهر نہ رڳو ساوَڪ ۽ شادابيءَ جي ڪري مشهور هو، پر اُن ۾ ڪاريگر ۽ هنرمند ماڻهو بہ گهٽا رهندا هئا. انهن جي ناهيل شين جي نہ رڳو سنڌ ۾، بلڪ سنڌ کان ٻاهر بہ ڏاڍي هاڪ هئي. انهن شين ۾ ڪيس، سوسيون، گربيون ۽ اَجرڪون اڃي وڃن ٿيون.

سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دَور ۾ نصرپور کي وڏي اهميت رهي آهي. ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ نصرپور سڪيو ستابو شهر هو. هتي ڪپڑن اُٽڻ جا ڪيترائي آڏاڻا هئا. هِتان جا ڪيس ۽ بافتو ڏيهه پرڏيهه مشهور هئا. ميان غلام شاهه جي وقت ۾ انگريزن نٽي ۾ ڪوٹي قائم ڪرڻ سان گڏ، نصرپور ۾ ننڍي ڪوٹي قائم ڪئي هئي. ڪلهوڙن جي آخري ڏينهن ۾ مدد خان پٺاڻ، سنڌ جي ٻين شهرن وانگي نصرپور ۾ ڦُرلُٽ ڪئي ۽ ان کي تباهه ڪيو.

www.perfect24u.com

نصرپور ۾ ڪيترائي عالم، بزرگ ۽ شاعر ٿي گذريا آهن. سنڌ جو مشهور ڏاهو وتايو فقير به هن شهر جو هو. جنهن جا گفتا اڄ به ماڻهو حوالي طور ٻڌائيندا آهن. شاهه عنايت رضوي، ڪلاسيڪل شاعريءَ جو هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. اُهو به هن شهر جو هو. سندس پوين مان ڪافيءَ جو وڏو شاعر مصري شاهه ٿي گذريو آهي. جنهن کي "ڪافيءَ جو بادشاهه" به چيو وڃي ٿو.

قديم آثارن مان شهر ۾ هاڻي رڳو هڪ اڏ نشان ئي باقي وڃي بچيو آهي. نصرپور جو قلعو ته ڪڏهوڪو ڏهي چڪو آهي، باقي قرارڪي مسجد اڃا موجود آهي. اها مسجد نصير مُهاڻي جي ياءُ قرار خان جوڙائي هئي.

سنڌو درياءَ جي رُخ بدلائڻ جي ڪري، جيتوڻيڪ نصرپور جو اڳيون اوج نه رهيو آهي؛ پر هن وقت هي شهر وري به ترقي ڪري رهيو آهي. اڄ به نصرپور جي ڪيسن ۽ ڪاڌِيءَ جو وڏو مانُ آهي. نصرپور جا ڪِيرَ پُڙا به مشهور آهن.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- نصرپور جو شهر ڪهڙي ضلعي ۾ آهي؟
2- نصرپور جو شهر ڪنهن ٻڌايو هو؟
3- نصرپور ڪهڙن هنرن جي ڪري مشهور هو؟
4- نصرپور ۾ ڇا ڇا آڏاڻا هئا؟
5- ڪلهوڙن جي آخري ڏينهن ۾ نصرپور ۾ ڪنهن قُرلُٽ ڪئي هئي؟

www.perfect24u.com

6- ڪافيءَ جو بادشاهه ڪنهن کي چيو ويڇي ٿو؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

جهونن – هاڪ – ڏيهه – پرڏيهه – جوڙائي – اوج.

(ج) هيٺين لفظن جا ضِد لکو:

جهونن		انتها	
آباد		ڏيهه	
زمين		اڳيون	

(د) هيٺيان خال پريو:

1- هي شهر ..... مهاڻي ٻڌايو هو.

2- سنڌ جو مشهور ڏاهو ..... به هن شهر جو هو.

3- قرارڪي مسجد نصير مهاڻي جي پاڻ قرار خان ..... هئي.

4- اڄ به نصرپور جي ..... ۽ ڪاڌِيءَ جو وڏو مانُ آهي.

www.perfect24u.com

جھڙو راڄ تھڙو پاڻ

هڪڙي بادشاھ خواب لڌو، ڏٺائين تہ سندس سمھڻ واري ڪونِيءَ ۾ هڪڙي لومڙِي پئي ڦٽڪي. صبح جو بادشاھ سڀني اميرن، وزيرن ۽ نجومين کي خواب ٻڌايو؛ پر انهن مان ڪوبہ ان جو تعبير نہ ٻڌائي سگھيو.

پوءِ تہ سڃي بادشاهيءَ ۾ پڙھو گھمايو ويو، تہ جيڪو بہ خواب جو تعبير ٻڌائيندو، تنهن کي وڏو انعام ڏنو ويندو.

ڪِڇ ڏينهن گذري ويا، پر خواب جي تعبير ٻڌائڻ لاءِ ڪوبہ ڪونہ آيو. نيٺ اها خبر هڪ ڏينهن هڪڙي ڪُڙمِيءَ تائين پهتي. هو بہ خواب جي تعبير ڪرڻ لاءِ توڪل ڪري نڪري پيو. واٽ تي هڪ جابلو لَڪ هو جتان هن کي لنگھڻو هو. اتي پهتو تہ ڏسي تہ هڪ واسينگ نانگ وينو آهي. هن نانگ کي چيو تہ "نانگ! مون کي واٽ ڏي، جو بادشاھ کي خواب جو تعبير ٻڌائڻ پيو وڃان." نانگ چيس "اڙي ڪُڙمِي! بادشاھ کي نجومي بہ تعبير نہ ٻڌائي سگھيا، سو تون ڪيئن ٻڌائيندين؟ جي تون چوين تہ آءٌ توکي تعبير ٻڌايان، پر ان لاءِ منهنجو شرط آهي، تہ انعام جو اڌ مون کي ڏيندين." ڪُڙميءَ نانگ جو شرط مڃيو ۽ خواب جو تعبير ٻڌي روانو ٿي ويو.

دربار ۾ پهچي ڪڙميءَ خواب جو تعبير ٻڌائڻ جي اجازت گھري. بادشاھ کيس اجازت ڏني، ڪُڙميءَ چيو: "بادشاھ سلامت! لومڙِي هڪ دغاباز، بزدل ۽ مڪار جانور آهي؛ تنهنڪري

www.perfect24u.com

توهان کي سمجهڻ کپي تہ رعيت ۾ دغابازي، مڪاري ۽ رياڪاري وڌي ويئي آهي. جيڪڏهن اها بند نہ ٿي تہ پوءِ حڪومت کي نقصان پهچندو." بادشاهہ کي ڳالهہ دل سان لڳي ۽ هن ڪُڙميءَ کي وڏا انعام اڪرام ڏنا.

ڪُڙمي انعام وٺي واپس پئي آيو، تہ خيال ڪيائين تہ ڇو نہ ٻيو رستو وٺي گهر وڃان! نہ تہ نانگ کي انعام جو اڌ ڏيڻو پوندو. سو هو ٻيو رستو وٺي گهر پهتو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ بادشاهہ وري ٻيو خواب لڌو، تہ سندس محل ۾ هڪ اگهاڙي ترار پئي لٽڪي. صبح جو بادشاهہ ان ڪُڙميءَ ڏانهن ماڻهو موڪليو. هاڻي تہ ڪُڙمي اچي ڦاٽو. نانگ سان تہ هن دوکو ڪيو هو. هاڻي ڇا ڪري؟ نيٺ دل من هڻي نانگ وٽ ويو ۽ ان کي مِنٽون ڪرڻ لڳو. نيٺ نانگ کيس چيو تہ: "اڳي ٻہ تو قول ڪونہ پاڙيو، پر هاڻي واعدو ڪر تہ انعام جو اڌ ضرور مون کي ڏيندين!" ڪُڙميءَ هائوڪار ڪئي ۽ خواب جو تعبير ٻڌي روانو ٿيو.

بادشاهہ وٽ پهچي ڪُڙميءَ کيس ٻڌايو تہ: "جيئندا قبلا! ترار جو ڪم آهي خونريزي. اوهان جا دشمن اوهان جي پٺيان اگهاڙي ترار ڪنيو پيا گهمن. اوهان ٻہ ترار جي زور سان انهن جو سر يڪدم قلم ڪري ڇڏيو." بادشاهہ کي ڳالهہ دل سان لڳي. هن ڪُڙميءَ کي جهجها انعام اڪرام ڏنا. هڪ ترار ٻہ تحفي ۾ هن کي ڏنائين. ڪُڙمي خوش ٿيندو گهر ڏانهن موٽيو؛ پر وات تي وري ٻہ دل ۾ بي ايماني پيدا ٿيس، دل ۾ چوڻ لڳو تہ، نانگ کي اڌ

www.perfect24u.com

حصو ڇو ڏيان! جڏهن نانگ واري لَڪ وٽ پهتو تہ نانگ کي ڏسي ڪٽي ترار هنيائين. نانگ ويچارو پڇي ٻرَ ۾ گهڙي ويو. ڪُڙمي اچي گهر پهتو ۽ سک سان زندگي گذارڻ لڳو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ بادشاهہ وري بہ ڪو خواب لڏو. هن وري ڪُڙميءَ ڏانهن ماڻهو موڪليو. ڪُڙمي تہ هاڻي آزار ۾ پئجي ويو؛ پر وري بہ نانگ وٽ ويو. نانگ چيس تہ: "هاڻي وري ڇو آيو آهين؟" ڪُڙميءَ، نانگ کي ڏاڍيون منٽون ڪيون. "ٻيلي، منهنجون خطائون بخش ڪر. هن خواب جو تعبير ٻڌاءِ نہ تہ مفت ۾ مارجي ويندس." تنهن تي نانگ چيس تہ: "چڱو، توکي خواب جو تعبير ٻڌايان ٿو، پر واعدو ڪر تہ هن ڀيري انعام جو اڌ ضرور ڏيندين!" ڪُڙميءَ هائوڪار ڪئي ۽ خواب جو تعبير ٻڌي روانو ٿيو.

بادشاهہ وٽ پهچي ڪُڙمي چيو تہ "بادشاهہ سلامت! اوهان خواب ۾ ڏِڪي ڏٺي آهي. توهان گونگي گانءِ وارو پهاڪو تہ ضرور ٻڌو هوندو! سو ائين سمجهو تہ اوهان جي رعيت هاڻي ڳئون وانگر نِماڻي ٿي چڪي آهي. اوهان جي حڪومت کي هاڻي ڪوبہ لوڏو نہ آهي!" اهو ٻڌي بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو. ڪُڙمي بہ پنهنجو انعام وني روانو ٿيو.

ڪُڙمي هن ڀيري سڌو نانگ وٽ آيو. سمورو انعام آڻي نانگ آڏو رکيائين. نانگ چيس تہ، "ادا آڻ ڪو انعام جو ٻُکيو نہ آهيان. مون تہ رڳو تنهنجو آزمودو ٿي ورتو. پر ان ۾ تنهنجو ڏوهہ نہ آهي. ڇو تہ ملڪي حالتن جو اثر رعيت تي پوندو آهي. پهرئين

www.perfect24u.com

پيري ملڪ ۾ فريب ۽ دغا هئي؛ سو تو به مون سان دغا ڪئي.
ٻئي پيري ملڪ ۾ فساد ۽ خونريزي هئي، سو تو به ائين ڪيو.
هاڻي ملڪ ۾ امن امان آهي، سو تون پاڻ هلي آيو آهين انعام ڏيڻ.
ٻڌو ڪونہ اٿئي تہ "جهڙو راڄُ تهڙو پاڻ، جهڙو راجا، تهڙي پرجا!"
(تلخيص: ڊاڪٽر سحر امداد)

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- بادشاهہ پهريون خواب ڪهڙو لڏو؟
2- ڪُڙمي ۽ کي خواب جو تعبير ڪنهن ٻڌايو؟
3- بادشاهہ ٻيو پيرو ڪهڙو خواب لڏو؟
4- بادشاهہ ٽيون پيرو خواب ۾ ڇا ڏٺو؟
5- نانگ ڪهڙي شرط تي ڪُڙمي ۽ کي خوابن جو تعبير ٻڌايو؟
6- هن آکاڻي ۽ مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڳچ – قول – خونريزي – تحفي – ٻيلي – آزمودو
پرجا – نيٺ – جابلو – ڪُڙمي – واٽ .

www.perfect24u.com

نظم جو پاگو

www.perfect24u.com

www.perfect24u.com

آهيون الف آسري، مُحمّد مجيوسون

حضرت شاھ عبداللطيف رحمة الله عليه 1102ھ/ 1690ع ۾ ڄائو سندس پيءُ جو نالو سيد حبيب شاھ آھي. شاھ صاحبؒ سير سفر جو ڪوڏيو ھو. راڳ سان بہ سندس گھٽي دلچسپي ھئي. شاھ سائينءَ جي ڪلام جو ڪتاب "شاھ جو رسالو" سڏي ٻوليءَ جو ھڪ اھم دستاويز آھي. سندس ڪلام تصوف جو رنگَ ۾ رڱيل آھي. ھو "سنڌ سڪار" سان گڏ "عالم سڀ آباد ڪرين" جي دعا ٿو گھري. سندس ڪلام صحيح معنيٰ ۾ آفاقي آھي.

شاھ سائينءَ 14 صفر 1165ھ تي بمطابق 1752ع ۾ وفات ڪئي. ھر سال انھيءَ تاريخ تي پٽ شاھ تي ميلو لڳندو آھي.

وائي

جن جو وارث ٿُون، اَلا، سي ڪيئن رھندا نيٽ منھنجا،
آگــي اُپ خلــقيــا، پَلــي خلــقيائيــن پُــون،
جــن جــو وارث ٿُــون!

جــوڙيائين جــھــانَ ڪــي، چئي ڪُــن فيڪُون،
جــن جــو وارث ٿُــون!

www.perfect24u.com

ڪوڙِي دنيا ڪُوڙا پَسارا، ڏينهن مِڙوئِي ڏُون،
جـن جـو وارث ٿُـون!
آهـيـون الـف آسري، مُحمّد مجيـو سُـون،
جـن جـو وارث ٿُـون!

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- أُپ ۽ پونءِ ڪنهن خلقيا آهن؟
2- هيءَ ڪُوڙِي دنيا گهٽا ڏينهن آهي؟
3- اسين ڪنهن جي آسري آهيون؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

آگي – أُپ – پلي – پُونءِ – پسارا – ڏُون.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

آگي – أُپ – پلي – ڪُوڙِي.

(د) هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:

- جوڙيائين جهان کي، چئي .....
- ڪوڙي دنيا، ڪوڙا ..... ڏينهن مڙوئي ڏُون.
- آهيون الف آسري، مُحمّد .....

(هـ) اهڙا ضمير جيڪي ڪن اسمن ڏي اشارو ڪن ٿا، تن کي ضمير اشارو چئبو آهي؛ اُهي بن قسمن جا آهن؛ ضمير اشارو ويجهو ۽ ضمير اشارو ڏُور، "هيءُ" "هِن" ضمير اشارو ويجهو لاءِ ڪم ايندا آهن. توهين انهن کي پنهنجي جملن ۾ ڪتب آڻيو.

www.perfect24u.com

نيڪي

مُحمّد صديق "مسافر" پهرين اپريل 1879ع تي ٽنڊي باگي ۾ ڄائو. سندس پيءَ جو نالو بلال هو، جيڪو پوءِ بدلائي گلاب رکيو ويو. "مسافر" پهرين مڪتب ۾ ۽ پوءِ اسڪول ۾ پڙهيو.

ورنيڪيولر فائنل پاس ڪري، تعليم کاتي ۾ ماستر ٿي پرتي ٿيو. هُو ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد پڻ ٿي رهيو. "مسافر" سنڌي ٻوليءَ جو اعليٰ ادیب ۽ شاعر آهي. نثر ۽ نظم ۾ هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. "ڪُليات مسافر" ۽ "گلشن خيال" سندس شاعريءَ جا ڪتاب آهن. "مسافر" 1961ع ۾ وفات ڪئي.

دل

جو قلب ڪرم لطف عطا جو گهر ٿيو،
ٿي جاءِ تسليم جي رضا جو گهر ٿيو؛
نيڪيءَ جي بنني جاءِ "مسافر" جا دل،
سا دل ته قسم رب جو خدا جو گهر ٿيو!

نيڪي

مون سان جي ڪٽي ڪوبہ بُرائي ٿو ڪري،
دل منهنجي بُرائيءَ مان نہ ته بہ ان ڏي وري؛
آءٌ ان سان بہ دل ساڻ ڪندس پيو نيڪي،
توفيق جو هٿ شال خداوند ڏري!

www.perfect24u.com

نياز ۽ نوڙَت

جـــي تـــوکـــي "مـــســـافـــر" ارجمنـــدي گهرجي،
جـــي تـــوکـــي دنـــيـــا ۾ حـــق پسندي گهرجي؛
وڻ جـــان ۽ دل ســـان خاکســـاريءَ جـــي وات،
نِـــوڙِي هـــل جـــي تـــوکـــي بلنـــدي گهرجي!

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- شاعر خدا جو گهر کهڙي دل کي ٿو سڏي؟
2- ٻيو نمبر رباعيءَ ۾ کهڙي نصيحت سمايل آهي؟
3- بلندي حاصل کرڻ لاءِ شاعر کهڙي صلاح ٿو ڏئي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ کم آڻيو:

قلب – رضا – توفيق – ارجمندي – نِوڙي.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

کرم – نيکي – بلندي – برائي.

(د) "هُو" "هُن" ضمير اشارو ڏور لاءِ کم ايندا آهن، توهين انهن کي پنهنجي جملن ۾ کتب آڻيو.

www.perfect24u.com

دُعـــا

هن نظم جو شاعر حڪيم فتح محمد سيوهاڻي آهي، هُو سيوهڻ جي عباسي خاندان ۾ سن 1880ع جي اوائل ۾ ڄائو. عربيءَ ۽ فارسيءَ جي مڪمل تعليم حاصل ڪري، حڪمت جو ڏندو اختيار ڪيائين. ڪجهه وقت ڪان پوءِ سيوهڻ ڇڏي ڪراچيءَ ۾ دواخانو کوليائين. سن 1942ع ۾ وفات ڪري ويو. مختلف قومي ۽ سياسي، مذهبي ۽ ادبي تحريڪن ۾ سرگرم ٿي حصو ورتائين. جمعيت العلماء جو رڪن هو. سندي نثر ۽ نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا اٿس. "ڪمال ۽ زوال"، "حيات النبي" ۽ "ميرن جي صاحبي" سندس مشهور ڪتاب آهن.

اســـان جـــي دينَ، ايمان کي سلامت رک، خـــداونـــد،
بچائج تـــون مسلمانن جـــي عـــزت آبـــرو هـــر جـــا.

اسان کي ڏي خدا توفيق، طـــاقـــت، همـــت ۽ حقيقت،
اسان مـــان کي اڳين جهڙا عجب انســـانَ ڪـــر پيدا.

سڄي دنـــيـــا ۾ رک اسلام کي تون اوج عزت سان،
خدا! اسلام جي ڪلمي سندو تون شـــانُ رک بـــالا.

هميشه شـــال دنـــيـــا ۾ جهنڊو اسلام جـــو جهُولي،
جتي پي ســـو وجي پهچي، رهي قائم اُتـــي بـــرپـــا.

www.perfect24u.com

اسان جي قوم ٿي مسڪين، اسان جي قوم ٿي غمگين،
تون تنهن جو شال حامي ٿين، ڪرين تنهن کي تون بي پرواهه.

اســـان جي قوم کي آزاد ڪر، قرضن ۽ مرضن کان،
اســـان جـــي قوم کي آبـــاد ۽ دلشاد ڪـــر مـــولا.

دفع ســـي انتظاري ڪر، پري ســـي بيقراري ڪر،
خزان مان ٿُون بهارِي ڪر، تہ ٿيون سرسبز ۽ سَرها.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- شاعر الله تعاليٰ کان ڪهڙي دعا ٿو گهري؟
2- اسلام جي ڪلمي لاءِ شاعر ڪهڙي دعا ٿو گهري؟
3- قوم جي لاءِ شاعر جي دل ۾ ڪهڙا سوال ٿا اُپرن؟

(ب) هيٺين لفظن جا جمع لکو:

عزت – همت – جهنڊو – قوم – بَهاري.

(ج) اسمن جي پٺيان ڪي پڇاڙيون ڳنڍجن ٿيون تہ اُهي ضمير خاص جو ڪم ڏين ٿيون:

جيئن: ياڻم = منهنجو ياءُ – ڪاڏم: مون ڪاڏو.

توهين اهڙا ڪي ٻيا مثال ڏيو.

www.perfect24u.com

سچل سرمست جا بيتَ

سچل سرمست جو اصل نالو ميان عبدالوهاب هو. هُو سن 1152هـ بمطابق 1739ع ۾ ڄائو هو، انهيءَ وقت سنڌ تي ڪلهوڙا حڪومت ڪندا هئا. پر هُو تالپرن جي دور جو بهترين شاعر ليکيو وڃي ٿو.

سچل سرمست ستن ٻولين ۾ شعر چيو آهي. انهيءَ ڪري کيس "هفت زبان شاعر" سڏيو وڃي ٿو. سنڌ جي هن بزرگ ۽ شاعر 14 رمضان 1242هـ بمطابق 1827ع ۾ وفات ڪئي. سندس مزار راڻيپور جي پرسان درازن جي ڳوٺ ۾ آهي.

شال نہ وسرين هوت، ٻيو سڀ مون وسري،
مون کي تائين موتَ، هُئين اکڙين ۾.

منهنجو اندر اڏ ڪيو، فنا هن فراقَ،
مري ٿي مشتاقَ، ڪاکر وَرَ، ولِهيءَ جي.

آريءَ جي اڇڻ جي، روز نهاريان راهہ،
آڻيندس الله، مون سر صدقي ڪيو.

ساري شهر ٻنيور جي، ڇڏِي لوڪ لذت،
توريءَ ڏئي ڪونہ ڪو، ماڻهو عام عزت،
ٿئي ساهہ صحت، ٻيهر ٻاروچا اچين.

www.perfect24u.com

پيهي پروڙيومِ، تان پنهون پاڻ ئي آهيان،
پاڻ ئي منجهان پاڻ کي، هي پڙلاءُ پيومِ،
صحيح کن کيومِ، تہ غير گمانَ اُٿِي ويا.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- حضرت سچل سرمست جي "هوت" مان مراد کهڙي آهي؟
2- پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ شاعر جو کيئن ٿو وقت گذري؟
3- پنهونءَ جي جدائيءَ ۾ سسئيءَ کي ڪيئن ٿو نظر اچي؟

(ب) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکو:

اکين ۾ هجڻ- لذت چڏڻ- سر صدقو ڪرڻ.

(ج) صفت: "منو اَنب يا ڪٿو اَنب" ۾ منو ۽ ڪٿو اَنب جي خاصيت ڏيکارين ٿا، اِن کي گرامر ۾ صفت چئبو آهي.
توهين اهڙا کي ٻيا مثال ڏيو.

www.perfect24u.com

ڏيئو

ليکراج ڪشنچند عزيز 1897ع ۾ ڄائو. هي نظم سنڌي زبان جي بلند پايہ شاعر ليکراج ڪشنچند عزيز جو چيل آهي. سندس شعر جو مجموعو "ڪلياتِ عزيز" جي نالي سان ڇپيل آهي. هو سٹو مضمون نويس ۽ نقاد بہ هو. سندس مضمونن جو مجموعو "ادبي آئينو" جي نالي سان ڇپيل آهي.

ڪَڪائن گهرن ڪي تون روشن ڪرين ٿو،
غريبن جي چَونرن کي گلشن ڪرين ٿو،
لٿي سج عيان پنهنجو جوين ڪرين ٿو،
سحر تائين هر جا نشيمن ڪرين ٿو!

مزورن ۽ ڪُڙمين سان همڪار آهين،
فقيرن جي مجلس جو سينگار آهين،
سڙي تون ٻين کي ڏئين ٿو سُهائِي،
رکيل تو ۾ ڪيڏِي نہ آهي ڇگّائِي!

www.perfect24u.com

پَــري کان مُنجهيل جــي ڪرين رهنمائِي،
ڏِيا، تــو ۾ آهي ســراســر سچائِي،
سچو دوســت دشمن تــي دلســوز آهين،
سچائيءَ ســان سپ جــو شب افروز آهين!

مــدد ڏين ٿو ڪم ڪــار ۾ تون با محنت،
برڻ ســان تنهنجي ٿئي دفــع ظلمت،
نہ پنهنجي پرائي جــو ڏارين تــفــاوت،
رکين قلب ۾ ڪانہ ڪنهن ڏانهن ڪدورت.

سعــادت جو بيشڪ تــون آهين ستــارو،
ڏِيا، تون ٿــو لاهين جهان تان انــڌارو؛
هوا ســاڻ ســر لاٽ جو ٿو جُهڪائين،
ٿو نِوَڙت ڪندي پنهنجي جِيوت بچائين.

حياتــيءَ جــو مقصد سچو ٿــو ٻُڌائين،
ٻين لاءِ پنهنجو ٿو تــن مــن جلائين،
جَلِي جي ٻين کــي سُهائو ڏيــن ٿــا،
لَکين گهورَ تــن تــان پتنگا ٿين ٿــا!

www.perfect24u.com

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- ڪڪائن گهرن کي ڪير روشن ڪري ٿو؟
2- ڏيئي ۾ ڪهڙي چگڻائي رکيل آهي؟
3- ڏيئي وت نوڙت جي ڪهڙي نشاني آهي؟
4- شعر جي آخري بن سٽن مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڪڪائن – ڪڙمين – سُهائي – سراسر – لاٽ.

(ج) اهڙا پنج لفظ ٻڌايو، جيڪي جاين جا نالا هجن.

(د) ○ هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:

حياتيءَ جو مقصد ——— ٿو ٻڌائين،
ٻين لاءِ پنهنجو ٿو ——— جلائين.
——— ٻين کي سهائو ڏين ٿا،
——— تن تان پتنگا ٽين ٿا.

www.perfect24u.com

بٹايون سُک جو ڪو سنسار

هيءُ گيت عبدالڪريم "گدائي" جو لکيل آهي. هو جنوري 1901ع ۾ جيڪب آباد ۾ ڄائو هو. پوسٽ ڪاتي ۾ ملازمت ڪيائين. جتان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ صحافت سان لاڳاپيل رهيو. سندو شاعر هو. نظم کان سواءِ نثر ۾ لکيو اٿس، سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا "پکڙا ۽ پنهوار"، "ساڻيهه جا سور" ۽ "پيماني تي پيمانو" ڇپيل آهن.

هڪبئي ساڻ حقارت ڇاڪي؟ انسانن سان نفرت ڇاڪي؟
ڪِينو ساڻ ڪدورت ڇاڪي؟ مذهب پنهنجو پيار،
بٹايون سُک جو ڪو سنسار.

ذاتيون، پاتيون، فخر وڏايون، رنگ نسل جون سپ اَرڏايون،
آهن جنگ فساد جو باعث، زهر سندو پرچار،
بٹايون سُک جو ڪو سنسار.

جنگ جدل آهي چوڌاري، انسانن جو رت آ جاري،
ساڙي آهي دنيا ساري، نفرت جي پرچار،
بٹايون سُک جو ڪو سنسار.

رنگ نسل سپ ڏونگ اجايا، پيٽ بکئي جا سانگ بٹايا،
گوري ۾ ڇا، ڪاري ۾ ڇا، ساڳيو آهه ستار،
بٹايون سُک جو ڪو سنسار.

www.perfect24u.com

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- جنگ ۽ فساد جو باعث ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟

2- نفرت جي پرچار جو ڪهڙو نتيجو نڪتو آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

حقارت – ڪينو – ساڙ – سنسار – ڪدورت – ارڏايون.

(ج) هم آواز لفظن کي قافيو چئبو آهي، جيئن: حقارت جو ڪدورت.

توهين هن نظم مان هم آواز لفظ ڳولي لکو.

(د) هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:

○ جنگ جدل آهي چوڌاري، _____ جو رت آ جاري،

ساڙ آهي _____ ساري، نفرت جي پرچار.

بڻايون سُک جو ڪو سنسار.

www.perfect24u.com

پيارا وطن

سليم ڪاڙهوي جو اصل نالو الهورايو ولد حاجي الهه ڏنو مهر آهي. پاڻ 15 اپريل 1925ع ۾ ڳوٺ ڪاڙهي ضلعي خيرپور ميرس ۾ جائو.

اسڪول ۾ پڙهڻ واري زماني کان شاعري شروع ڪيائين 1947ع کان باقاعدي موزون شاعري ڪرڻ لڳو. شاعريءَ جي سيني صنفن ۾ لکيو اٿس. پاڻ هڪ گوشہ نشين ۽ متقي انسان هو. ڳوٺ ۾ پنهنجي باغ جي سنڀال، اپياس ۽ شعر شاعري سندس مشغلا رهيا. سندس دوستن، شاگردن ۽ پڙهندڙن جو هڪ وسيع حلقو آهي. سندس دوستن ۽ شاگردن ڪاڙهي ۾ سندس نالي پٽيان "بزمِ سليم" قائم ڪئي، جنهن وسيلي پاڻ ڪيترن ئي نون شاعرن جي فني تربيت ڪيائين. سنڌيءَ جي هن برڪ شاعر 10 محرم 1408هـ- 3 سيپٽمبر 1987ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي.

منهنجا وطنَ، پيارا وطنَ، اکڙين سندا تارا وطنَ،
اي دوست دل وارا وطنَ، هر جاءِ هاڪارا وطنَ!

تون ئي جياپو جانِ جو، تو سان سندم جيءَ جون جڙيون،
تو سان اَڙيو من آ سندم، اي سرس سونهارا وطنَ!

منڙا وطنَ، تنهنجي مٽان سر ساهہ سپ گهوري چڏيان،
تنهنجو نہ مَٽ ڪو ديس ٻيو، محبوب موچارا وطنَ!

www.perfect24u.com

سُکيو سَتابو شل رهين، ڪوسو لڳي توکي نہ واءُ،
ماکيءَ ۾ مصريءَ کان مِنا، اي جان کان پيارا وطنَ!

تنهنجي مِٽيءَ ۾ مشڪ ۾ تنهنجي هوائن ۾ هُڳاءُ،
مهراڻُ جي هر موج جڙُ امرت سندِي ڏارا وطنَ!

منهنجا وطنَ شل شهر ۾ سپ ڳونڙا تنهنجا وسن،
رحمت سندا توتي ڪکر ڪن خوب وسڪارا وطنَ!

منهنجا محبت جا "سليم" آهن سوين توتي سلام،
منار موچارا وطن، او سونهن سِڪ وارا وطنَ!

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- شاعر جان جو جياپو ڪنهن کي ٿو سڏي؟
2- شاعر ڪنهن جي مٿان سر ساهه گهورڻ ٿو گهري؟
3- شاعر وطن لاءِ ڪهڙي دعا ٿو ڪري؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:
هاڪارا – جياپو – سرس – سونهارا – گهوري – مٽ – هُڳاءُ.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:
دوست – ديس – ڪوسو – منا – گُهري.

(د) "ڙو" تصغيري پڇاڙي آهي. جيئن "ننڍو" مان "ننڍڙو" توهين تصغيري پڇاڙيءَ وارا کي ب پنج لفظ لکي ڏيکاريو.

www.perfect24u.com

هاري

هن نظم جو جوڙيندڙ بردو سنڌي، سندس سڄو نالو، محمد رمضان ولد خداڏنو لاشاري آهي. هُو 15 مارچ 1922ع تي ڳوٺ ماڪن ڪوري، ضلعي سکر ۾ ڄائو.

پاڻ انجنيئري کاتي ۾ ملازمت ڪيائين. هُو سنڌي ٻوليءَ جو سڻو شاعر هو. سندس شعر ۾ سادگي ۽ سلاست آهي. سندس شاعريءَ جا مجموعا "اکڙيون مينگهه ملهار"۽ "ٻُوندون بس نہ ڪن" جي نالي سان ڇپيل آهن. پاڻ 26 آڪٽوبر 1988ع تي هن فاني دنيا کي الوداع چئي پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليو.

هــارِي پــيــارا، جوانَ سگهارا،
ملڪ مِنِي جــا جِــيءَ جيارا.

مهل ملي ٽئي، پــاڻ ملهائج،
محنت جــا ڪي مينهن وسائج.

جوڳ پليءَ کي ساجهر جــوڙ،
ڪيت سان نينهن نيائج تــوڙ.

تنهنجي محنت لائــي رنــگ،
ڏک وڃن ٽئي سک جــو سنگ.

سَلي سَلي جــي ڪــر سنيار،
ڪٽي منجهان ٽين ڪيچ خرار.

www.perfect24u.com

بک بيماري کـــي پڃائـــي،
تنهنجا ڳُڻ زمانـــو ڳائـــي.

تنهنجي محنت مک جـــو مـــانُ،
شال جيئين تـــون هارِي جـــوان!

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- شاعر ملک مٿي جا جيءَ جيارا ڪنهن کي ٿو سڏي؟
2- هاريءَ جي محنت کهڙو رنگ ٿي لائي؟
3- سَلي سَلي جي سنيار سان ڇا ٿو ٿئي؟
4- شاعر، هاريءَ کي کهڙي دُعا ٿو ڪري؟

(ب) هيٺيان اصطلاح سمجهايو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

پاڻ ملهائڻ – نينهن نيائڻ – رنگ لڳائڻ – ڳڻ ڳائڻ.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

سگهارا – مهل – ساجهر – سنگ – ڪٽي – ڪيچ – ڳڻ.

(د) هيٺين جملن مان صفت ڳوليو:

1- گلاب جو گل سيني گلن کان سهڻو آهي.
2- ساران هک سياڻي نينگري آهي.

www.perfect24u.com